7672 B
LESS. 70
4669

سچاڳ سنڌ

Indian Institute of Sindhology
Essay 6
7672
70
21.6.2002
Adipur-Gandhidham

اي. جي. اتم

7672
L.

سجاڳ سنڌ

ليکڪ

اي- جي- اُتم

سجاڳ سنڌ

(جيئي سنڌ کان لوڪشاهي هلچل تائين)

ليکڪ: اي. جي. اُتم

7672
L.Essay
70

جولاءِ ١٩٨٤

قيمت ڪچو جلد ڏهه رپيا

ڪپڙي جو جلد پندرهن رپيا

نئين دنيا پبليڪيشن

بي-٩، فلوريڊا، سينٽلاڊيوي روڊ، ماهم

بمبئي ٤٠٠٠١٦ فون: ٤٦٤١٣٦

فهرست

١- سندو ديش جو رهبر ٩

٢- جيئي سند کان سندو ديش ڏانهن ٢١

٣- جيئي سند گيت جو ڪوي ٥٥

٤- سند ۾ نئين سجاڳي ٧٧

Sujag Sind by A. J. Uttam

1st Edition 1984

Price : Rs. 10/— Cloth bound. Lib. Ed. Rs. 15/—

Publisher : Naeen Dunya Publication, B-9, Florina, Sitladevi Rd., Mahim, Bombay-16. Phone: 464136

Printer : Vashdev G. Wadhwani (Prop.) "Sundri Printing Press" Gandhi Market Road, Near Municipal School, Chembur Colony, Bombay-74. Phone Resi. : 555 09 74

ارپـــــــبـــــــم

راجـــا ڏاهـــر

دودو ســومـــرو

نــواب دريا خان

مخدوم شاھ بلاول

صوفي شاھ عنايت

سنت ڪـنـوررام

ھيمون ڪالاڻي

الله بخش سومرو

حيدر بخش جتوئي

پــروفيسر اشوڪ

ڪـــــي

ايڪ طرفان

هي منهنجن مضمونن جو ٻيون ڪتاب آهي. ان ۾ ورهاڱي بعد سنڌ جي حقن حقوقن لاءِ هلندڙ جيئي سنڌ هلچل کان وٺي تازي لوڪشاهي هلچل تائين جي مختصر تصوير ڏنل آهي. اها سنڌ کان ٻاهر ويٺل سنڌين لاءِ نئين روشني ڏيندڙ به آهي ته روح ڦوڪيندڙ به آهي. آخر ته سنڌي، سنڌ، هند ۽ ولايت جا، پنهنجي جيجل سنڌڙيءَ ۽ سنڌي ٻوليءَ جا ئي ٻانها آهيون. انڪري هڪٻئي جي سک ۽ سلامتي، خوشي ۽ خوشحاليءَ لاءِ ضرور آسائتا ۽ ايڪائي رهنداسين.

ان ۾ ڪوبه وڌاءُ ڪونهي ته ورهاڱي بعد سنڌ ۾ نئين سجاڳيءَ جي شاهي لهر ڦهليل آهي جنهنجو ذاتي مشاهدو مان پنهنجي جيون ساٿڻ **سنڌريءَ** سان گڏ ۱۹۶۴ ۾ ماٽي آيو هوس. ان وقت سنڌ جي اڌ سؤ کن اهم اڳوانن، اديبن، عالمن ۽ اخبار نويسن سان مکاميلو ڪيو هوم. ان کانپوءِ جلدي جيئي سنڌ هلچل شروع ٿي ۽ سنڌو ديش هلچل جو به نعرو لڳو. ان سجاڳيءَ بابت سنڌي، هندي ۽ انگريزيءَ ۾ اڌ سؤ کن ليک ڇپايم جي ڏاڍو قبول پيا ۽ جدا ڪتاب لاءِ طلب ٿي. ان ڪتاب لاءِ ليک ڇپايم پئي ته ۱۹۷۷ ۾ ضيا صاحب جو فوجي راڄ قائم ٿيو ۽ مرحوم ڀٽو سوريءَ چڙهي سرهو ٿيو. انڪري ڪم رکجي ويو. هاڻي جڏهن ”لوڪشاهي“ هلچل هلي ته هتي وري اهڙي ڪتاب جي طلب ٿي. انڪري اڳين ڇپيل مواد جا ڪجھ صفحا درست ڪري ۽ تازي هلچل جو ليک لکي ڪتاب ظاهر ڪيو اٿم. اهو رڳو هتان جي سنڌين لاءِ آهي، جنکي اميد ته پسند پوندو.

سنڌو ديش جو رهبر

سنڌو ديش جو سپنو ساڪار بڻائڻ واري سنڌي سپوت سائين جي. ايم. سيد جو ٨١ جنم ڏن ١٧ جنوريءَ تي سنڌس ڳوٺ سن (دادو) ۾ پيڪيدار نموني ملهايو ويو، جنهن ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان آيل هزارين سنڌي شامل ٿيا. جن مان گهڻائي نه شاگردن ۽ جوانن جي هئي. چون ٿا ته ڪراچيءَ مان به هڪ سؤ کن مهاجر سنڌي سائينءَ لاءِ ٨١ پائونڊن (مڻ) جو شاهي ڪيڪ کڻي آيا ته کن مخالف اڳوانن نيڪ تمنائن جا سنيها به موڪليا هئا. اهو سڀڪجهه سائينءَ جي ڳوٺ ۾ نظربند هئڻ جي باوجود ٿيو آهي.

حقيقت ۾ پاڪستان ٺهڻ بعد سائين ”جيئسيم“ پنهنجي تمام گهڻي عمر يا ڪال ڪوٺڙي يا نظربنديءَ ۾ ٽي ڪاٽي آهي. اهو انڪري جو هن نه قائد-اعظم (جناح) اڳيان، نه قائد-ملت (لياقت علي) ۽ نه قائد-عوام (ڀٽي) اڳيان ڪنڌ جهڪايو ۽ نه هو وري ڪڏهن ايوب خان، يحيٰ خان ۽ ضياءالحق جي ڊڪٽيٽريءَ کان ڊنو آهي. هنڪي سڄو وقت پنهنجي سنڌو ديس جي ڏات تلوار لڳل آهي. شاگردن کان وٺي وڏي ۾ وڏي شخصيت ٽائين جيڪو به وٽس اچي ٿو، ان سان هو ٻنا لڪي چپيءَ جي پنهنجي اُصول، آدرش ۽ اُديش جي ڳالهه تي ڪندو رهي ٿو، جيئن ١٩٦٤ ۾ هن ليکڪ کي

سنڌ جي سفر وقت ساڻس مڪاميلو ڪندي معلوم ٿيو هو.

جڏهن ڪانوني ضيا تائين سيني حاڪمن لوڙي تعصبي ۽ تنگدل مذهبي ليڪيدارن کي سائين جيئنديم سدائين منهن تي سچ ٺهڪائي پٽي هنيو آهي ۽ سقراط وانگر زهر جو پيالو پيئڻ جي به پرواهه نه ڪئي آهي. سيد سائين جي ان سچائيءَ ۽ صافگوئيءَ جي شروعات ورهاڱي ٿيڻ وقت ٿي ٿي جنهنجو اظهار سندس پهرئين اَهم ۽ اتهاسڪ ڪتاب ”نئين سنڌ لاءِ جدوجهد“ (۱۹۵۲) ۾ ملي ٿو. هن ان ۾ بي باڪيءَ سان لکيو ”فرقيوار ذهنيت جا ماڻهو مونکي صاف گوئي چوڻ تي ڪٺي کهڙا به طعنا ڏين. آءٌ انهنجو عادي ٿي ويو آهيان. ليڪن هي چوڻ کان رهي نٿو سگهان ته هندن جي نڪري وڃڻ ڪري سنڌ جي پرڳڻي گهڻو نقصان سٺو آهي، جنهنجو پورائو ڪئين ورهين تائين به ڪين ٿي سگهندو.

”بهترين سائنسدان، انجنير، ڊاڪٽر، پروفيسر، تاجر سنڌي، ادب جا ماهر ۽ صوفي اسان وڃائي ويٺا آهيون هندن ڪانسواءِ سنڌ ٻسي پيئي لڳي. جتي هجن اتي شال خوش هجن پر اسان کان ڪو نه وسرندا ۽ مٿن به فرض آهي ته پنهنجي پياري سنڌڙيءَ کي نه وسارين...... اگر يهودي ٻن هزار سالن تائين پنهنجي قوميت قائم رکي سگهيا ٿي ته هندن کي اڃا ڪي سال به نه گذريا

آهن، ان ڪري ڏيهن پادل اوسي ۽ ڏورانهين جا ڏيهوڙا لوڪ نظر آهن ۽ هي موتي پنهنجي ماڳن تي آهن."

ان ساڳئي ئي ڪتاب ۾ هن سنڌ جي ماضي حال ۽ مستقبل جو جائزو به ڏنو آهي ۽ مختصر ۾ آئينده جي واهه به ٻڌائي آهي، جتي لکي ٿو "هن وقت سنڌ جي رهاڪن کي غور ڪرڻو آهي ته پنهنجي تهذيب زبان ۽ اقتصادي ۽ سياسي مفاد جي حفاظت لاءِ ڇا ڪرڻو اٿن. سنڌين اڳيان ٻه رستا کليل آهن: "سنڌي قوميت" ۽ ان سان گڏ عوام جو راڄ ۽ آزادي ۽ (٢) پين اسلامزم، فرقيوار ذهنيت، رجعت پسند طبقي جي حڪومت ۽ انگلو امريڪي ملڪ جي غلامي. ٻنهي مان هڪ کي وٺڻو اٿن. جيڪڏهن پنهنجي روايات ۽ هستيءَ کي قائم رکڻو اٿن ته صاف لفظن ۾ سنڌين جي جدا قومي هستيءَ جي اصول ۾ اعتبار ڪرڻو پوندن. انڪري هو ڪري، گناهه نه ڪندا."

جيئيم سائين "هڪ مسلم قوم پاڪستان" جي نظريي جي مخالفت ڪندي لکي ٿو "پاڪستان کي جدا جدا آزاد ۽ خود مختيار حڪومتن جو مجموعو ٿيڻ گهرجي، جنهن ۾ هر رياست (حڪومت) کي حق خود ارادي هئڻ گهرجي" ان ڪتاب تي سرڪار بندش وڌي ها ايا نه لاٿي وئي آهي.

جي. ايم. سيد پاڻ صدي کن اڳ جيڪي مثال

ويچار ظاهر ڪيا هئا سي اڄ به سو سيڪڙو سچا آهن.
جن کي هو پنهنجي ٻوليءَ جي اڪيلن لفظن کان ڪڻن ۾
اچا به وڌيڪ سچائي صاف گوئيءَ سان ظاهر ڪندو
آيو آهي. انهن خيالن مان هو نه فقط راڄنيتي مدبر
پر سنڌي الواس، پرمپرا ۽ ڪلچر جو هڪ اپاسي
عالم ۽ نازڪو ساهتڪار به سڏ لئي ٿو. هن ان زماني ۾
ئي پڙهائي گهوٽ ئي سيڪيولر ۽ سوشلسٽ نگاهه کان
انهن روشني وجهندڙ ڪرامت "پيغام لطيف" ڇپايو
هو ان ۾ شاهه صاحب کي "نيشنلزم (قوميت) جو حامي"
۽ "جمهوريت (لوڪشاهي) جو طرفدار" "سوشلزم طرف
مائل" "ڊڪٽيٽرشپ يا فاشزم جو مخالف" "شاهوڪار
شاهي مخالف" ڪري ظاهر ڪيو آهي ۽ چيو آهي ته
هو "پين اسلامزم جو حامي ڪونه هو" هو وڌيڪ لکي
ٿو ته "شاهه صاحب سنڌ جي جملي رهاڪن لئي ٻها
هندو مسلم فرق جي سنڌي هڪري تصور ڪيو آهي.
جن ماڻهن کي ساراهيو اٿس ان مان اڪثر هندو هئا
راءِ ڏياچ هندو راجا هو ۽ لاکو ڦلاڻي ڪڇ جو هندو
راجا هو، راڻو سوڍو هندو هو، مومل هندواڻي هئي،
سسئي هندو نسل جي هئي اوڏ، جاڙيجا، ويڳاڙا، جوڳ
ناٿ، سنياسي، آديسي جن جو ذڪر شاهه صاحب پنهنجي
ڪلام ۾ ڪيو آهي، سي سڀ هندو هئا هن اڪثر
محمد ان قاسم جي اهرف هٽي آهي اڪثر محمد

غزنويءَ کي ساراهيو اٿس. اورنگزيب ۽ ڪلهوڙن جي مذهبي سياست جو مٿس اثر پيل هو ته ضرور اهي جو ڏالو ته پنهنجي ڪلام ۾ ڪم آڻي ها، پر ڪٿي به اهو ذڪر ۾ نه ايندو. جي اڳين کي ساراهيو اٿس ته ان ڪري جو اهي ٻاهران آئي حاڪم هئا، جن شرعتي (اسلامي) راڄ پنهنجي ملڪ جي دستور پٽاندر حڪومت ڪئي. رساني ۾ نه ملن ۽ نه مولوين جي ساراه ڪيل آهي پلڪ هڪلاڄ جي هلڻ، گڏگالي گجڻ ۽ سنگيت وڄائڻ وارن سامين ۽ جوڳين کي ياد ڪري ولو اٿس." هي ڪهڙو نه سورهياڻيءَ واري سچ جو اظهار آهي!

اهڙو اظهار سيد سائين ڏاڍن ڪري سگهيو جڏهن هو سنڌيت جي رنگ ۾ خوب رنگجي ويو هجي پنهنجي "ادبي مضمون" واري ڪتاب ۾ ۱۹۵۴ ۾ لکيل هڪ مضمون ۾ چوي ٿو "مولڪي ۽ سنڌي قوميت اهڙو رنگي چڙهيو آهي جو ان ڪانسواءِ ٻئي طرف نگاه ڪرڻ تي دل ئي نٿي ٿئي. هينئر آءٌ ان حالت تي پهتل آهيان جو اسلام پاڪستان، مسلماني وغيره جي سهڻن لفظن ۽ اظهارن جي ڄاري ۾، مولڪي پنهنجي اصليت کان ڪير جدا ڪري ڪين سگهندو." ان ڪري ئي ان ساڳئي ڪتاب ۾ ٻئي هڪ مضمون ۾ سنڌي اديبن کي سنڌين جي جدا قوميت جي بنياد تي سنڌي ادب پيدا ڪرڻ، جدائي ۽ مذهبي بنيادن جي

عيوض عقل ۽ علم جي بنياد تي سنڌي ادب جي تعمير ڪرڻ ۽ ادب جي سنڌ جي ڪلچر ۽ زبان جو محافظ ڪري سمجهڻ لاءِ اپيل ڪئي اٿس.

١٩٥٥ ۾ سنڌ جي جداگانه هستي ختم ڪري ون يونٽ ٺاهڻ واري دور جي ذاتي ۽ اجتماعي چو چئو هن وري ١٩٥٦ ۾ لکيل ڪتاب "موجوده سياسي مسئلا" ۾ چيو آهي، جيڪو ڪتاب بعد ۾ ضبط ڪيو ويو ان ۾ هن پاڪستان جي نظريي جي مخالفت ۽ سنڌي قوميت جي حمايت کي اڃا به زوردار نموني لکيو آهي، "سنڌي عوام پاڻ کي وطن، زبان ادب ثقافت (ڪلچر) نفسياتي ساخت (مدوگيانڪ اڪاوئس) تاريخي روايات، سياسي اقتصادي مفاد جي بنياد تي جدا قوم ٿا سمجهن. هن کي پڪو يقين ويو آهي ته اسلام، پاڪستان ۽ مسلمان اتحاد جي نالي ۾ ڪين ڪيڏو نه دوکو ڏنو ويو آهي...... هاڻ هو ڪيڏي نه قيمتي قومي هستيءَ ۽ وجود کي برقرار رکڻ لاءِ ڏيندا ۽ سر ڌڙ جي بازي لڳائيندا...... پاڪستان جا سڀ مسلمان هڪ جدا قوم آهن، اهو نظريو فرسوده بيڪار ۽ نقصانڪار آهي...... اهيءَ کي قائم رکڻ سنڌي قوميت جي هستيءَ، مفاد ۽ ترقيءَ لاءِ نافع نڙهڻ برابر ليکيندو...... اسلام ۽ پاڪستان جي خطري جو نعرو هڪ قسم جو ڍونگ آهي.

جي. ايم. سيد جي انهيءَ بي باڪ ۽ بهادر اظهار ڪري ڪيس ڪيترا سال جيل ۾ نظربندي ڀوڳڻي پئي آهي. جڏهن هن کان سيٺ پرمانند ڪيولداس (جو ورهاڱي بعد سنڌ ۾ رهندو هو) پڇيو ته تو ته پاڪستان لاءِ چاچا ته ڪيو، هاڻ تو کي ڇو هيترو ڀوڳڻو پيو؟ ان لاءِ جيڪو پڇتاءُ پيو جواب ڏنائين سو پڙهي دل ڏڪي ٿي وڃي ٿي. اهو جواب جيڪو هن پنهنجي يادگيرين جي ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" (١٩٦٧) ۾ ڇپيو آهي. ان ۾ هن ڪيترن هندن بابت پنهنجون يادگيريون ڏنيون آهن. هو ان جواب ۾ لکي ٿو "مولوي پنهنجي گناهن جو پتلو آهي. جنهنڪري هي ڏينهن ڏسڻا پيا اٿم. آءٌ صوفي هوس...... جڏهن سائين ماڻهن بد-عمل ۾ اچي...... هندن مسلمانن کي بنا تميز اخلاق ۽ اعمال جي جدا سمجهڻ شروع ڪيو ۽ دوئي کي زور وٺايو، واسطي، بدمعاش ظالم افرمد ڦهلائيندڙن کي جي اهي لالي ۾ مسلمان هئا، تن کي به مسلمان ۽ چڱو سمجهڻ لڳس ۽ شريف، خدا ترس، محبت جي پيدار ماڻهن کي جي اهي لالي ۾ هندو هئا، تن کي خراب سمجهڻ ۽ سڏڻ. پڪا پڪن سان اٿي ويٺل جنم گڏ گذاريندڙ هزار ورهين کان ڪم ڪاڄ وانگر شاديءَ غميءَ ۾ ڀائرن وانگر رهندڙ هندن کي ڌاريو سمجهڻ لڳس. مون جهڙي ماڻهوءَ کان اهي خطائون ٿيون سو ڪيڏو گناهه هو!... ٿيون

ته چاهين ته پاڻ وچ سمجهي سگهن ٿا ته منهنجي هزار ورهين جي ميراث سنڌ ديش جو نالو مثالي جي ڪوشش وچ ئي... هر جاءِ ڏک ۽ ڏڪار ويندا سک ۽ سڪار ٿيندا."

ڪنهن به راڄنيتي اڳوان طرفان پنهنجي غلطيءَ جي احساس جا ٿورا مثال ڇڏيا پاڻ ملندا، جهڙي صرف سقراط جهڙا سچ چوندڙ ئي پيش ڪري سگهندا. جي. ايم. سيد نه هڪ پڙهيل انسان اهڙو سچ چوندو ئي رهيو آهي. سن ١٩٦٨-٦٧ وارو زمانو سنڌ جي شاهي سڄاڳيءَ جو زمانو هو جڏهن ون يونٽ ٽوڙ تحريڪ ۽ جيئي سنڌ هلچل ٻنهي طرفان وڌيڪ زور ورتي هئي. ان وقت جي. ايم. سيد جا سقراطي ساهس جو ثبوت ڏيندڙ ٻه ڪتاب پڌرا ڪيا (١) جيئن ڏٺو آ مون ۽ (٢) جديد سياست جا نوراتن.

پهرين ڪتاب ۾ جيئن سائين پنهنجي صوفي ويچارن جي اوک ڊوک ڪئي آهي ۽ اسلام جي نالي ۾ ڀوغلاميندڙ هڪ هئي ۽ وارن ملن ۽ مولوين جو پالڻهو قوڙ ڀو الس ۽ ڪنهن به خاص مذهبي عقيدي جو پابند هجڻ بدران "هر مذهب" فلسفي سائنس علم ۽ تجربي مان پڻ اڪاوت جي پنهنجي ۽ ڀلائي جو فائدو حاصل ڪرڻ تي زور ڏنو آهي. ان ڪتاب تي ڏاڍو هنگامو مچايو ويو ۽ جي. ايم. سيد تي ڪفر جون فتوائون جاري

ڪيترن ڀائرن ۾ هن انهن جي ڪا به پرواهه نه ڪئي.

هن ڪتاب ۾ هن اٺن واڇيتن اڳواڻن جا احوال ڏنا، نهرو، آزاد، جناح، پٽيل، اني بيسنٽ، اقبال، محمد علي، ۽ سيد احمد خان جي حياتي ۽ ويچارن تي روشني وڌي آهي. هن جناح، پٽيل، اقبال ۽ سيد احمد خان جي تنگ نظري ۽ تنگدلي واري ويچار ڌارا جي مخالفت ۽ مهاتما، نهرو ۽ آزاد جي قومي ۽ ادار دلي واري نگاهه جي حمايت ڪئي آهي. گانڌي جي کي نه اصل سيني مکيه پيغمبرن کان وڌو درجو ڏنو اٿس، جنهن لکيو "دنيا جي مکيه پيغمبرن جا به سڌن حياتي جي عرصي ۾ اتنا سرواڇ پوئلڳ نه ٿيا، جيترا هن ضعيف البدن ساڌو سنت، سياسي رهنما جا ٿيا هئا. ان رائي ۽ جناح تي ڪميل اتفاق جي ڪري جي. ام. سيد تي مقدمو هلايو ويو ۽ ٽي سال سزا ڏني ويئي ۽ ان ڪتاب تي بندش وڌي ويئي. ڪهڪي اڃا ١٩٦٦ ۾ ٽن سالن جي جيل ۽ نظربندي کان آزاد ڪيو ويو هو نه وري ١٩٦٨ ۾ جيل ۾ وڌو ويو، پر ١٩٦٩ ۾ ايوب شاهي خلاف هلندڙ طوفاني هلچل وقت ٻين واڇيتن قيدين سان گڏجي جي. ام. سيد کي به آزاد ڪيو ويو.

ملن مولون جي ڪفر جي فتوا کي نوڪر هئي سيد سائين اعلان ڪيو ته راڄا ڏاهر اسان سنڌين جو قومي

هيرو آهي ۽ محمد قاسم حملو ڪندڙ، سامراجي حق هڙپ
ڪندڙ سنڌ ان جي آزادي، عصمت، مال ملڪيت جو
دشمن ۽ لٽيرو آهي جنهن جو لکت ۾ تفصيلوار ذڪر
سندس هڪ ڪتاب "سنڌ جا سورما" ۾ ڪيل آهي.
ان وقت کان وٺي راجا ڏاهر کي قومي هيرو سڏڻ
جو رواج ۽ سندس ڏينهن ملهائڻ شروع ٿيو آهي.

ساڳئي وقت ۾ سيد سائين "سنڌي ڪلچر" نالي
هڪ ڪتاب لکيو جنهن ۾ آڳاٽي سنڌي تهذيب ۽ تمدن
جي سمجهاڻي ڏني آهي ۽ پنهنجائي ڪئي آهي.
ڪيس وري اهڙي خان بنگلاديش جي هلچل وقت ١٩٧١
جو سمورو سال نظربند رکيو ان عرصي ۾ هن وري
هيو اهم اهڙو ڪتاب "پاڪستان جو ماضي، حال ۽
مستقبل" لکيو جنهن ۾ هن پنهنجي خيالن کي وڌيڪ
انقلابي بڻايو آهي، ان ڪتاب جو ڇاپو جنوري ١٩٧٢
۾ ايندي قدم مٿان ۾ مس ڇپيو ته تعصبن ۽ وجهه
پسندن ان خلاف ايتري ته هاءِ گهوڙا مچائي جو اهو
ڪتاب سنڌ ۾ ته جيجي سگهيو ۽ پارت ۾ ١٩٧٣ ۾
جوجي ظاهر ٿيو. اهو ڪتاب راجا ڏاهر ۽ الله بخش کي
ارپڻ ڪيل آهي. ان ۾ لکيل آهي ته پاڪستان
غلط نظريي ۽ ايمان تي ٽڪيو ۽ اڄ اهو مرڻيو ...ٿي
پارٽ ڊسپلي ڊڪٽيٽرشاهي، اردو ۽ مهاجر اوسڪي ۽ سامراج
دوستيءَ ۾ لمئي ڪري ۽ الڪو ۽ جي اها حالت

قائم رهي ته پاڪستان جو خاتمو اٽل آهي. هن بنگلا ديش کي ڀارت طرفان ڏنل حمايت ۽ همدردي کي حق واجب ڄاڻايو آهي ۽ چيو آهي ته سنڌ ۾ به بنگلا ديش واريون حالتون پيدا ٿيڻ جون امڪاني سنڌين کي پاڻ لڙي آزاد ٿيڻو آهي پاڻ مري منجهي وڃڻو آهي. جولاءِ ١٩٧٢ ۾ سنڌ ۾ مهاجرن سنڌي ٻوليءَ جي سوال تي فساد ڪيا، جن ۾ هن سنڌين تي ا بنگلاديش وارا قهر ڪيا. پڻ ۽ سنڌس سرڪار مهاجرن سان ناهه ڪيو، ان سبب الهي زوردار مخالفت ڪئي ۽ ١٩٧٣ ۾ هو سڄي سنڌ جو طوفاني دورو ڪرڻ لاءِ نڪتو. حيدرآباد ۾ ڪيس ا-م گولي سان ختم ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ٿي، ان هو انڪري ٻچي ويو. اڳتي وڌندو هلندو هزارين ماڻهو آڏي واٽ تائين ڪيس پڪڙڻ ايندا هئا ايتڪ سرڪار ٻجي ڪيس مئي ١٩٧٣ ۾ گهر ٻاهر ۾ پهچڻ تي گرفتار ڪري نظربند ڪيو جتان اڃا آزاد نه ٿيو آهي. جون ٿيا لس پڻ هڪي سملا ڪانفرنس لـــي هلڻ ۽ پارٽي اڳواڻن لـــي پنهنجو اثر هلائڻ لاءِ زور ورتو هو، ان هو پڻ جـــي ملڪ مراد سمجهي هن جو هٿيرن ڦٽڻ کان انڪار ڪيو.

هن نظربنديءَ جي وقت ۾ جـــي-ايم-سيد وري هڪ ٻيو انقلابي ڪتاب "سنڌو ديش ڇو ۽ ڇا لاءِ" لکيو آهي. ان ۾ هن ٻڌايو آهي ته ڪيئن نه سنڌو ديش

هزارن سالن جي جدا سڃاڻپ ۽ سنسڪرتي (ڪلچر) وارو ملڪ آهي جنهن ۾ رهندڙ سنڌي مسلمان توڙي هندو هڪ قوم آهن. پاڪستان اندر ڪيئن نه مهاجر پنجابي سامراج ۽ سنڌس ايجنٽ حاڪمن اسلام ۽ مسلمان جي نالي ۾ سنڌو ديش جي نرالي هستي ختم ڪري انکي ٽڪري لٽي فقير ڪري هڪ ڪالوني بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جنهن جو مقابلو ڪري آزادي حاصل ڪرڻي آهي، جيڪا پاڪستان جي خاتمي بنا ممڪن ڪونهي. ان لاءِ ڀارت جي سنڌين ۽ هند سرڪار توڙي اتي ڪنهن لوڪشاهي ۽ سوشلسٽ ملڪن کان مدد وٺڻ گناهه ڪونهي. هن وڏيڪ اکير آهي ته "سنڌو ديش متحد جماعت جي ٩٢ ملڪن کان وڌ ۾ پنهنجي پيرن تي بيهي سگهڻ وارو سکي ملڪ ٿيندو جنهن جي ڪاروبار ۾ ڀارت جا سنڌي پٽ هٿ وٺائيندا جنکي سنڌ موٽي اچڻ تي پنهنجا مڪان دڪان وغيره واپس ملندا. ليڪن جيئن ته مهاجر پنجابي سامراج ۽ پاڪ حاڪم سنڌو ديش سولائيءَ سان نه ڏيندا انڪري متحد جماعتون ڏاهي غلاميءَ کان لڪرڻ لاءِ خوني انقلاب ڪري آزادي حاصل ڪرڻي پوندي.

جيئم سالن جو هي ڪتاب نه منصور وارو انالحق جو نعرو آهي، مهاتماگانڌي طوفان انگريزي سامراج کي "ڪئٽ انڊيا" جو ڏنل آخرين نعرو وانگر آهي،

اهڙو ئي ڪرنٽ "سنڌوءَ جي ساڃاهه" سائينءَ ڄاڻو
ڀارت ۾ شايع ڪرايو آهي. انهيءَ مهاڳ ۾ ئي چوي ٿو،
"جڏهن وقت کان برصغير هند (ڀارتي اپکنڊ) کي
مذهب جي غلط تشريح جي ناليءَ ۾ ورهائي سنڌي
هندن کي نفرت جي نگاهه سان ڏسي، ملڪ نيڪالي
ڏني، سنڌ کي ٽئين سامراج (سلطنت) هيٺ آندو
ويو تڏهن کان سنڌو ديش ۽ انهيءَ رهاڪن کي وڏيڪ
مشڪلاتون درپيش پيئي آيون آهن." هو مذهب جي
تشريح جي تاريخ ۽ تفصيلوار اوک ڊوک ڪندي ان
نتيجي تي پهچي ٿو ته "دنيا جي جملي مذهبن کي
اسلام (سميت) آخري ۽ مڪمل نٿو ڄاڻان.... جملي
مذهبي ڪتابن **قرآن** شريف سوڌو .... آخري، مڪمل
بي عيب ۽ هر مرض جو علاج نٿو سمجهان ... پاڪستان
کي، مهاجر- پنجابي مستقل مفاد، نفرت ۽ نفاق پيدا
ڪري، وجود ۾ آندو آهي. تنهنڪري انهيءَ وجود
کي نه صرف سنڌ جي رهاڪن لاءِ، بلڪ جملي انسان
ذات لاءِ نقصانڪار سمجهان ٿو ۽ انهيءَ جلد ختم ٿيڻ
تي، سنڌو ديش جو قائم ٿيڻ سنڌ جي رهاڪن لاءِ
باعث نجات (آزادي) ڄاڻان ٿو."

ان لاءِ چوي ٿو، "سنڌو ديش جي محبت ۽
وفاداريءَ کي، پاڪستان، اسلام ۽ مسلم قوم تي ترجيح
ڏيارڻ جي تعليم سيکاري وڃي.... راجا ڏاهر کي قومي
هيرو ... ۽ محمد قاسم کي .... سنڌ-دشمن سمجهجي...،
سنڌو ديش جي آزاديءَ لاءِ... هر حڪومت يا گروهه
جي مدد وٺڻ کان نه هٻڪجي." ڪتاب جي آخر ۾

چوي ٿو، "مهاتما گانڌيءَ.... مان سبق وٺي.... اهنسا جي طريقن تي هلي، سنڌين ۾ قومي شعور پيدا ڪرڻ لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي."

سائين، سنڌيءَ جي سڃاڻپ جي هيءَ ڪسوٽي رکي آهي: "جو به سنڌو ديش جي آزاديءَ جو حامي هجي ۽ پاڪستان جي وجود کي رڪاوٽ سمجهي، جو به سنڌ جي رهاڪن کي جدا قوم سمجهي، جو سيڪيولر حڪومت ۾ اعتقاد رکي، پوءِ اهو قديم يا نئون (يعني مهاجر) رهاڪو ڇو نه هجي."

مٿين حوالن، مان پڌرو آهي ته سائين سنڌو ديش جي آزاديءَ لاءِ پهرين اهنسڪ نموني سڄاڳي آڻڻ چاهي ٿو، جا نئين ڳالهه اٿس. پر اها جماعتبندي بنا ڪيئن ايندي؟ هو هن ڪتاب ۾ ڪميونزم، سوشلزم ۽ روس جي به تائيد ڪري ٿو، پر مهاجرن ۾ اميد رکي ٿو ۽ کين سنڌي ٿيڻ لاءِ تيار آهي. اهو تضاد ۽ سقم آهي. اتهاس ۾ پهريون دفعو ڪميونسٽ روس ۾ ئي قومن ۽ رياستن کي پورن آزادي آهي ۽ عوام کي روزيءَ، اجهي، علم ۽ علاج جي گهرنٽي آهي ۽ لوٽ کسوٽ به ڪانهي. اُتي ئي مذهب ۽ سياست کان جدا ڪري، صحيح ۽ سچي سيڪيولر سرڪار قائم آهي.

ڪن تضادن ۽ سقمن جي باوجود، هي گرنٿ، جيڪو تعصبي، تنگدل، مذهبي ڏڪٽيٽري سمي شايع ڪرايو اٿس، سائينءَ جي سورهيائي، صافگوئيءَ صداقت ۽ سنڌيت جو هڪ وڏيڪ ثبوت آهي جو کيس جيئي سنڌ کان سنڌو ديش تائين تعريجو رهبر ثابت ڪري ٿو.

جيئي سنڌ کان سنڌو ديش تائين

سنڌ ۾ جيئي سنڌ کان جيئي سنڌو ديش جي نعري تائين پهچڻ جو جيڪو احساس آهي اهو نرالو آهي، ان سنڌ ۾ سنڌيت جي جيڪا سڄاڳي پيدا ڪئي آهي، سا وسرڻ جي ناهي.

"جيئي سنڌ" هلچل جو روپ جيتوڻيڪ ۴ مارچ ۱۹۶۷ تي ورتو پر اُنجو ٻج ورهاڱي جي اعلان وقت ئي پئجي ويو جڏهن هندو لڏڻ لڳا ۽ مهاجر اچڻ لڳا. انوقت اسان ترقي پسندن نعرو هنيو "سنڌ سنڌين لاءِ" جنهن "لٽين دليا" آگسٽ ۱۹۴۷ ۾ لکيو ته شيخ اياز به "پاريسڙي" ڪهاڻي ۾ چيو ۽ "جئه سنڌ" جو نعرو ڪم آندو. ترقي پسندن جو خيال "سنڌ، سنڌين لاءِ" ان وقت مقبول نه ٿيو، پر پوءِ ۱۹۵۵-۵۴ ۾ "ون يونٽ" وقت سنڌ جي هستيءَ، ٻوليءَ، تهذيب ۽ تمدن ختم ٿيڻ وقت انجي سچائي سمجهڻ ۾ آئي.

ان سمي جو چٽر، اياز جي هنن ٻن بيتن مان بخوبيءَ پڌرو آهي: "ڏيهي پرڏيهي ٿيا، پرڏيهي ڏيهي- آيا گهڙي اوپرا، نڪري ويا نيهي- پراوا پيهي والاري ويا سنڌڙي" ۽ "جاڳ پٺائي گهوٽ، توکي سنڌڙي ٿي ساري- مرن پيئون ماروئڙيون، قابو آهن ڪوٽ- اڄ نه تنهنجي اوٽ، ڏاين کي ڏاري ڇڏيون" پوءِ ته سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو جڻ سيلاب وهي نڪتو ته ان سان گڏ سنڌي هندن جي سار به ستائڻ

لڳي. انهي شروعات سائين جي. ايم. سيد ڪئي
جنهن ١٩٥٢ ۾ لکيو، "هندن ڪانسواءِ سنڌ ٻسي ٻسي
پيئي لڳي." حيدر بخش جتوئي (مرحوم) ۽ ١٩٥٥ ۾
"هاري حقدار" جي خاص شهيد پرچي ۾ ڪنورام،
هرچندراءِ، هاسارام پمناڻي ۽ هيمو ڪالاڻيءَ تي
شرڌانجلي وارا ليک ڇپيا. ان سنڌيت جي سڪ اهڙو
ولولو پيدا ڪيو جو ١٩٥٧ ۾ ون يونٽ ٽٽڻ جو اولهه
پاڪ اسيمبليءَ فيصلو به ڪيو، پر ان تي عمل ڪرڻ
کان اڳ، ١٩٥٨ ۾ ايوب خان جي ڊڪٽيٽري شروع ٿي
ويئي. انکري هلچل دٻجي ويئي. پر ١٩٦٦ ۾ جڏهن
ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ کي جوڙجڪ (آئين) ۾ تسليمي
جي سوڀ ملي تڏهن سنڌ ۾ ٻه وري ٤ مارچ ١٩٦٧
تي ڄامشورو وٽ شاگردن ۽ سرڪار جي ٽڪرمان،
جيئي سنڌ هلچل جنم ورتو. جنهن کي جتوئيءَ جيئي
سنڌ جو گيت لکي، نعرو ڏنو. اڄان ئي "سلام عليڪم"
بدران "جيئي سنڌ" سان ڪيڪارڻ جو رواج پيو جو
اڄ ڏائين هلندو اچي. ان هلچل پوءِ ڀارت ۾ سنڌي
اديبن ۽ ادبي هلچل کي به اُتساهه ڏنو.

جيئيندم، جتوئي ۽ اياز جي ٽموڙليءَ جيئي سنڌ
هلچل جي رهبري ڪئي. ان نه صرف شاگردن ۽ جوانن،
پر ليکڪن ۾ به زبردست جوش ۽ جذبو جاڳايو جن
پنهنجين رچنائن سان هلچل کي اُستوگي ڏني. جديد
سنڌي جي "روح رهاڻ" مخزن ان جي شاهد آهي.

اُن لئي ١٩٦٩ ۾ بدنش ڀٽيءَ ۽ طارق جي ”سهڻي“ ۽ لغاري جي ”سڄو ٻالهيسٽ“ اهڙي جُڳهه ورتي.

هن هلچل سنڌي قوم (هندو مسلم) کي موهن جي دڙي ۽ قومي هيري راجا ڏاهر جو وارث سمجهو ۽ محمد قاسم کي حملو ڪندڙ ڪوٺيو. ان خيال کي جيئيم زبردست زور ورتايو. ان لئي مهاجرن وڏو مچ مچايو. جڏکي حيدرآباد سنڌ گرلس ڪاليج جي ڪڪيءَ ياسمين منهن ٽوڙ جواب ڏنو. ”ياد رکجو، سنڌ جو لڱون نسل مذهب لئي لعنت ٿو هڻي. راجا ڏاهر هڪ سنڌي هو. چاهي هندو هو يا مسلمان، اسانجو هيرو آهي. اڄ سنڌ ۾ هزارين هيمو ڪالاڻي موجود آهن. اسين محمد قاسم تي لعنت ٿا هڻون... شاهه لطيف کي، جي. ايم. سيد کي سلام ٿا ڪريون. سنڌ جي عظمت اسلام جي ڪري ناهي پر موهن جي دڙي ڪري آهي .... اسان ڇوڪرين فيصلو ڪيو آهي ته پنهنجن ٻارن تي نالا ڏاهر، هيمو ڪالاڻي، اياز ۽ هوشو رکنداسين.“

هن تحرڪ ۾ سنڌي نياڻين به پارٽ ملهايو. صحرا ماروئي، رياض ميمڻ، اڪرم سلطانه ۽ اختر بلوچ بک هڙتالون به ڪيون ته جيل جا وئل به سٺا. نيٺ ١٩٦٩ جي آخر ۾ ون يونٽ ٽٽو* انجو عمل جولاءِ ١٩٧٠ ۾

---

* جيئي سنڌ هلچل جي تفصيلن لاءِ پڙهو اُلم جو ڪتاب ”سنڌي ساهت“

ٿيو. سنڌ جي صوبائي هستي (ڪراچيءَ جي گاديءَ سميت) واپس ملي.

پوءِ ته آيو ڀٽي (مرحوم) جو راڄ. هن سنڌين جي ساٿ لاءِ هر ميز جي شروع ۾ آخر ۾ "جيئي سنڌ" جو نعرو هڻڻ شروع ڪيو ۽ جڏهن هلچل جو طرفدار بڻيو. ان تي سائين جي. ايم. سيد وري "سنڌو ديش" جو نعرو بلند ڪيو ۽ انکي پنهنجو اديش بڻايو، جيڪو بنگلا ديش جي آزاديءَ کري وڌيڪ اهم بڻيو آهي. ليڪن ڀٽي صاحب سنڌين سان گڏ پاڪي ڏاڍين ۾ پيارو بڻائڻ لاءِ هنن کي به ڀٽي خوش ڪيو. جڏهن سنڌي ٻوليءَ جي بحاليءَ وقت ڪيائين، جڏهن جو لاءِ ١٩٧٢ مهاجرن بل خلاف وڏا فساد ڪري اهو رد ڪرايو. ان وقت مهاجرن طرفان سنڌين تي ٿيل ظلم جو ذڪر ڪندي طارق اشرف پنهنجي ماهوار مخزن "سهڻي" ۾ بي باڪ ٿي لکيو، "اردو ۽ اسلام جي آڙ ۾ نعرا هڻندڙن، سنڌي عورتن جون چاليون وڍيون ... معصوم ۽ ننڍڙن ٻارن کي گهٽا ڏنا، سنڌي عورتن جون وچ بازار ۾ سٿڻيون لاٿيون ۽ کين بي عزتو ڪيو. جيڪو به سنڌي مهاجرن جي پاڙي مان ٿي لنگهيو انهيءَ کي ڇرا هڻي تي ماريو ويو. سنڌس مدهن ۽ جسمن تي تيزاب ٿي اڇليو ويو. سنڌين جي گهرن، هوٽلن ۽ دڪانن کي لڳي باهيون ڏنيون ويون."

طارق وڌيڪ لکيو، "اسلام جو نعرو هڻڻ وارا نام نهاد.

مسلمان اسلام اسلام ڪري اٿرو نہ پاڳل ٿي پيا جو محمد عثمان ڏيپلائي جي قران پريس مان سوين قران ڪڍي وچ رستي تي رکي پيٽرول وجهي باهہ ڏنائون ۽ پوءِ انهن قرانن جا ٽڪرا ٽن ڏينهن تائين رستن تي پئي اڏاميا.“

مهاجرن نـــ رڳو عام سنڌين سان وئـــل وهايا پر خود ذوالفقار علي ڀٽي ۽ سندس بيگم نصرت ۽ سندس سوٽ (جو ان وقت سنڌ جو مکيہ وزير هو) ۽ گورنر رسول بخش ٽالپر جي بہ بي عزتي ڪئي، جئن طارق لکي ٿو، ”ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ صدر ڀٽي، ممتاز ڀٽي ۽ رسول بخش ٽالپر جا جنازا ڪڍيا اٿن.. ٽنهين جون قبرون ٺاهيون اٿن. انهن تي سڪل جوتا رکيا اٿن ۽ هر لنگهندڙ کي چون ٿا تہ هنتي ٿڪون اڇليو. لطيف آباد ۾ ڪتن ۽ گڏهن تي رنگن سان لکيو اٿن: صدر ڀٽو، بيگم نصرت، ممتاز ڀٽو، رسول بخش ٽالپر.. صدر ڀٽي جي نياڻيءَ جون فرضي اگهاڙيون تصويرون ورهايائون..

” .... جي- ايم- سيد تي بہ اڇليو ويو.. هن چيو تہ اسان اچي سنڌين کي تهذيب سيکاري، کائڻ پيئڻ سيکاريو. اسان جي اچڻ کان اڳ سنڌين جون زالون هندن وٽ گروي تيل هيون-“ مدد علي جي مخزن ”اڳتي قدم“ ۽ عبدالواحد آريسر جي ”پيغام“ ۾ انهن واقعن جو ذڪر ڪيو هو. ياد رهي تہ مهاجرن هنڪان اڳي شيخ اياز تي بہ خوني حملو ڪرايو هو، پر هو بچي ويو هو. هيترو ظلم ڪرڻ بعد بہ

پمي مهاجرن کي سزا ڏيڻ بدران الٽو همٿ ڏني هنن کان
معافي ورتي، سنڌي ٻولي بل بابت هنن جي گهر قبولي ۽
سنڌي گورنر کي ڪڍي بيگم لياقت عليءَ کي سنڌ جو گورنر
بڻايو ۽ پنهنجي سوٽ کي سنڌ جي مکيه وزيريءَ تان
هٽائي ڇڏيو. طارق اشرف تي مقدمو داخل ڪيو ويو ۽
ڪجهه ڏينهن جيل ۾ رکيو ويو، جنهن بين پبليڪيشن-
اڳتي قدم، هوشو، پيغام، سنڌي، ڪيڏارو، ملير، سورهيه،
تحريڪ جي حالت ۾ به ڪيو ويو.

سنڌين جي صحيح ۽ سچي اڳواڻ جي. ايم. سيد ان
وقت اعلان ڪيو ته سنڌي پاڪستان ۾ تڏهن رهندا جڏهن
کين جدا قوم ڪري مڃيو ويندو. سنڌو ديش پنج هزار سال
قديم ديش آهي. مهاجر اسانجي ٻولي، تهذيب ۽ تمدن ناس
ڪري رهيا آهن. هو اسانجي آرٿڪ حياتي تي قبضو ڪري
اسانکي ختم ڪرڻ ٿا چاهين. هن يو. اين. آءِ ايجنسيءَ کي
ملاقات ۾ چيو ته هو بنگلا ديش جي طرز تي هلچل هلائڻ
۾ مشغول آهي جنهن مان يا ته سنڌين جي لوٽ کسوٽ ختم
ٿيندي يا ته ان مان سنڌو ديش ٺهندو. جي. ايم. سيد کي
ان وقت گرفتار ڪري نظربند ڪيو ويو جنهن مان اڃا
آزاد نه ٿيو آهي. هو هيل تائين ١٥ سالن کان مٿي عرصو يا
مقدمي جيل يا نظربنديءَ ۾ رهيو آهي. ان هوندي به هو
مڙيو موٽيو ڪونهي. الٽو پنهنجن ويچارن تي وڌيڪ محڪم
ٿيندو ٿو وڃي، جيڪي سندس لکيل ٻولن ـــن ڪتابن

"پاڪستان جو ماضي حال ۽ مستقبل" ۽ "سنڌو ديش ڇو ۽ ڇا لاءِ" مان ظاهر آهن. پهريون ڪتاب راجا ڏاهر ۽ الله بخش کي ارپڻ ڪيو اٿس. ان ۾ لکيو اٿس ته پاڪستان غلط ويچار ڌارا ۽ بنياد تي ٺهيو ۽ اڄ اهو فرقيپرستي، ڀارت- دشمني، ڊڪٽيٽرشاهي، اردو ۽ مهاجر پرستي ۽ سامراج- دوستي جي نيتيءَ ڪري ئي ٽڪر ٽيو ۽ جي اهـا حالت قائم رهي ته پاڪستان جـو خاتمو اٽل آهي. سنڌين کي کپي ته يا ته لڙي آزادي حاصل ڪن يا صفحه هستيءَ تان ميٽجي وڃن.

ليڪن ٻئي ڪتاب ۾ ته اڃا به صـاف انقلابي اظهار ڪيو اٿس ته "سنڌو ديش جو قيام پاڪستان جي خاتمي کانسواءِ حاصل ٿي نه سگهندو.. هاڻي پاڪستان جو بچڻ ناممڪن آهي.... پاڪستان کي ختم ڪرڻ سان پاڻ اسلام کي وڏو فائدو پهچندو.. سنڌين کي کپي ته يا حڪمران طبقي جي غلامي قبولي مات ڪري زندگي گذارين يا مخفي جماعتون ٺاهي خوني بغاوت ڪري آزادي حاصل ڪن."

هن وڌيڪ لکيو آهي تـه جيئن ته سنڌ جا سنڌي ۽ ڀارت جا سنڌي هڪ قوم آهن، انڪري سنڌو ديش جي آزاديءَ لاءِ ڀارت جي سنڌين کي مدد ڪرڻ کپي، جن مان جيڪي سنڌ ايندا تن کي سندن ملڪيت مهاجرن کان وٺي واپس موٽائي ڏبي. هن نه رڳو ڀارتي سنڌين جي مدد ۾ ڀارت سرڪار جي مدد کي به سنڌو ديش جي آزاديءَ لاءِ

جائز ٺهرايو آهي.

جي. ايم- سيد الهادي قومن جي منڊل جي ملڪن سان سنڌ جي ڀيٽ ڪندي ٻڌايو آهي ته ڏيڍ ڪروڙ جي آدم وارو سنڌو ديش آرٽڪ طور زنده رهي سگهي ٿو ۽ اهو ٩٢ ملڪن کان هر لحاظ کان وڏو ٿيندو.

هن اهو به لکيو آهي ته قوم پرست سنڌي محمد بن قاسم جي ڀيٽ ۾ راجا ڏاهر کي ۽ سر سيد احمد خان بدران ادي جيئمل کي پسند ڪن ٿا. سنڌو ديش ۾ ڪراچي ۽ پرسان نئين تعمير ٿيندڙ بندر گاهه تي راجا ڏاهر جو مجسمو (پتلو) لڳايو ويندو ۽ انکي محمد بن قاسم بندر بدران راجا ڏاهر بندر جو نالو ڏبو.

سائين جي. ايم- سيد اتهاسڪ ۽ وگيانڪ، سيينٽڪ ۽ آرٽڪ نگاهه کان ڀرپور گرنٿ ۾ پوري اوک ڊوک ڪندي ثابت ڪيو آهي ته پاڪستان هڪ وهم آهي ۽ ٻئي گرنٿ ۾ ڏيکاريو اٿس ته سنڌو ديش هڪ حقيقت آهي. جنهن کي آزاد ڪرائڻ لاءِ سنڌ ڏيڍ سان گڏ هن ان جي آئيندي جي پروگرام ۽ نيتي ڏني آهي جيڪا سيڪيولرشاهي، لوڪشاهي ۽ سوشلزم جي اصولن تي ٻڌل آهي. اڄ جي. ايم- سيد جي سنڌ جو ٻڙاڏو ادبي ۽ تهذيبي تمدني ۽ تعليمي پهلن ۾ به گونجندو نظر اچي ٿو، جهڙوڪ سياسي طرح ان جي مخالفت به ڪافي آهي.

گذريل سال سنڌو ديش ۽ جي. ايم- سيد جو ٻڙاڏو

پاڪستان جي قومي اسيمبليءَ ۾ به پنڌرهن ۾ آهيو جڏهن پيروري مهني ۾ مير علي احمد ٽالپر ٢٧ جنوري ٧٠ لي ڪراچيءَ ۾ جي-ايم-سيد جي سالگرهه جي موقعي لي سنڌس پٽ ۽ جيئي سنڌ جي حامين ليرٽداس، شاعر هيم منشي ۽ غلام حسين رنگريز جي گرفتاريءَ خلاف مهمليءَ جي رٽ پيش ڪئي جا اڄڻ نه ڏني وئي. ان لي مسٽر ٽالپر اسيمبليءَ جي ميمبرن ڪي چتاءُ ڏنو ته "سنڌ ۾ اڄڪلهه جو ڪجهه ٿي رهيو آهي ان لي اگر اڪيوت ڪئي وئي ته پوءِ سنڌو ديش بڻجي ئي ويندو ۽ وقت ايندو جو پنجاب کي سنڌو ديش ڏانهن پنهنجو ايلچي موڪلڻو پوندو.... اسين سنڌي آهيون ۽ سنڌ کي سنڌو ديش جي نالي سان پڪارڻ ۾ ڪو به گناهه ڪونهي.. جي- ايم - سيد اسانجو عظيم اڳوان آهي، جنهن لي سڄيءَ سنڌ کي ناز آهي." ليڪن اهو چتاءُ اڄ ٽائين ڪن نه ٻڌو ڪياڙيءَ ٻڌو ڪيو ويو آهي.

ان کان وري هڪ سال اڳي اپريل ١٩٧٣ ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌو ديش هلچل جي حمايت ۾ هڪ زبردست واقعو ٿي گذريو. يونيورسٽيءَ ۾ نئين سنڌ وروڌي پاڪستاني جوڙجڪ جي جوڙيندڙ مرڪزي تعليمي وزير حفيظ پيرزادي (عبدالستار جي پٽ) کي آنرري ڊگري ڏيئي سنمان ٿي ڏنو ويو، جنهن خلاف شاگردن کي اعتراض هو. وزير اچا شاگردن ۽ سنڌو ديش هلچل خلاف گهٽ وڌ

ٻالهاڻو م س ڌ جيئي سنڌ جي هڪ شاگرد اڳوان اسماعيل وسان
ڪيس چماٽ نڪاءِ ڪرائي ۽ گورنر بيگم لياقت علي جي
وڳ لاهي ڦٽي ڪئي. هڪ پوليس وارو جيڪو اتي پهريدار
طور ڪڙو هو تنهن کي اهڙو ته ڌڪ لڳو جو پنهنجي بندوق
سان پنهنجو انت آڻي ڇڏيائين. اهو ڏيکاري ٿو ته سنڌ
جي شاگردن کي سنڌين جا حق هڙپ ڪندڙ ۽ مهاجرن
جي مددگار سرڪار خلاف ڪيڏي نه ڪاوڙ ۽ ناراضپو
آهي. بس پوءِ ته شاهي پيماني تي شاگردن جي پڪڙ پڪڙ
شروع ٿي وئي، جن مان ڪي اڄ تائين به آزاد نه ٿيا
آهن. يونيورسٽيءَ جو ڪاروبار به انهن ڏينهن ڪان پوريءَ
طرح نه ٿو هلي. شاگردن خاص ڪري انهنجي سنستا
جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي- ايم- سيد جي
ويچارن جي حمايت ڪندي سرڪار کان سنڌين جي
راڄنيتي، تعليمي، تهذيبي، اقتصادي حقن حقوقن طلبڻ لاءِ
ميمورينڊم پڻ ڏنا آهن ۽ چوپڙيون پڻ ڇپايون، جن مان
بن تي بندش پيل آهي. هڪ چوپڙيءَ جو ”سنڌ جي
شاگردن ۽ اديبن طرفان اپيل“ جي سري سان ڇپيل آهي
ان ۾ ته پاڪستان ۽ ان جي جنم داتا جناح ۽ سنڌس بن
قومن واري نظريي کي ننديو ويو ۽ جناح ۽ پڻ کي سنڌ
جي غدار جا لقب ڏنا ويا آهن. ٻي هڪ چوپڙي جيڪا
”اسلام جي نام نهاد ٺيڪيدارن جي لئين سازش“ جي نالي
۾ ڇپرايل ڇپائي هئي تنهن ۾ وري مهاجرن ۽ تعصبن

جي مضمونن جي اوگهڙ ڪيل آهي.

سچ ته اهي شـــاگرد ۽ جوان ئي آهي، جيڪي سائين جي ايم جي سنڌو ديش جي ويچارن جي حمايت ۾ اڳرا رهيا آهن. سرڪار انهن ۾ ڦوٽ وجهڻ ۽ جهيڙا ڪرائڻ لاءِ وقت بوقت ڪوششون پئي ڪيون آهن. هڪ اهڙي ئي جهيڙي ۾ پــنـي صاحب جي وقت ٢٣ آڪٽوبر ١٩٧٣ تي ڄامشورو جي انجنيئرنگ ڪاليج جي هڪ جيئي سنڌ حامي **پروفيسر اشوڪ ڪمار** سنڌيءَ کي ڪوڙي ڏوهه ۾ پڪڙي عذاب ڏيئي ماري، پوءِ هلايو ويو ته هو ڀـــارت ڀڄي ويو آهي. ان ظلم خلاف سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان خاص ڪري اخبارن ۽ مخزنن ۾ آواز بلند ٿيو. پروفيسر جـي شهادت تـي ڪهاڻيون ۽ ڪوتائون به ڇپيون ويئون. اشـــوڪ اڄ سنڌ جي شهيدن ۾ شمار ٿئي ٿو.

برک اديب ۽ عوامي اڳوان رسول بخش پليجي (جو اڄ ۴ سالن کان قيد آهي ۽ جنهن ڄام ساقيءَ سان گڏ، پي آءِ اي جهاز ڦڙائيندڙن طرفان آزاديءَ جـي ڪيل طلب نڪرائي، فوجي ڊڪٽيٽر جي جيل جون جهليون قبوليون، پر پنهنجي جنني سنڌڙي ڇڏڻ نه مڃيو) اُن وقت "اڙيڪ" ۾ شهيد اشوڪ سنڌيءَ کي شرڌانجلي ڏيندي لکيو: "... اشوڪ سنڌي ۵ هزار سالن کان سنڌ ۽ پاڪستان وطن جـو رهندڙ هو... اشوڪ سنڌيءَ جو

پارت پڻ سمجهه ۾ ٿو اچي.... هي سوال آشوڪ جي
غائب ٿيڻ جو ڪولهي. سنڌين جي غائب ٿيڻ جو
آهي. اڄ آشوڪ سنڌي غائب آهي، سڀاڻي پيا سنڌي
غائب ڪيا ويندا. ڪن جو ڏس پارت طرف ڏيندا ته
ڪن جو روس، چين ۽ افغانستان ڏانهن.... هيءَ معمولي
ڳالهه ڪانهي، سنڌ جي وجود جو سوال آهي. جيستائ
پيو قطعي ثبوت نٿو پيش ڪيو وڃي ليستائين هي
واقعو پڻ جو نه پر وحشاڻي قتل جو واقعو سمجهڻو
پوندو.... آشوڪ کي واٽيو چڙهي، پارت موڪلي، سنڌي
قوم جي اکين ۾ ڌوڙ نٿي وجهي سگهجي. **اشوڪ**
سنڌيءَ جي سچي سنڌي قوم وارث آهي...."

اُن وقت اُهڙي سنڌيت جي جذبي کي گهٽي ۽
گهٽي اوچ شاگردن بعد ليڪن، خاص ڪري شاعرن
ڏني - اياز، نياز، تنوير، امداد، نديم، ارشد، شهباز،
فتاح، تاج بلوچ، وفا، راز ۽ آثم ناٿنشاهي، تاج ۽ خاڪي
جوڻو، سرويچ، رنگريز، راشد، مشتاق، تاجل، منشي ۽
آنور. پوين ان نه انڪري جيل جون جنيون ڀي سٺيون.
ابراهيم منشيءَ جي بنگلا ديش بابت مشهور ڪوتا نه
اڄ به گيت بڻجي پيئي گولهي:

باک ڦٽائي پورب وارا ٻست نه پنهنجي ٻاري ويا
ٻاري ٻاري مشعل مشعل ٻارڻ ڏيئي ٻاري ويا.
عزت وارو موت قبولي ذلت جو زاهر پيڻي
وجهه ولي هڙ واهه سڻائي واڳ وطن جي واري ويا.

سنڌ جي دشمنن سان ساز باز ڪندڙ سنڌين لاءِ چئل منشيءَ جي هيءَ اڀي ڪولسا بہ وسرڻ جي ڪاڻهي. چوي ٿو:

مون پڪ سڃاتا پنهنجا هٿا
ڪي ڌارين سان گڏ ڌاڙي ۾،
ٿي واٽ ڏسيائون ويرين کي
ويهي وانگيڙن جي واڙي ۾.

انهن ڪوتائن کان بہ وڌيڪ باغي پر لمدي ڪوتا، جنهن جي ڪري ئي کيس جيل جي سزا ملي هئي، تنهن ۾ هن جناح صاحب ۽ پٽي صاحب کي قاتل ڪري مخاطب ڪيو آهي:

١- قاعد - اعظم پڌوسون ۽ پدم قاعد - عوام
٢- ٻنهي قاتل عوام جا، ٻنهي ڪرايو قتل عام
٣- هن کنو ڪشمير کي ۽ هن پريو پورب مان پيٽ.

پير زادي انور بہ جدا جدا موضوعن ۽ نمولي لي شعر لکيا آهن، جن مان هڪ تمام مشهور آهي "گوريلن جو گيت." چوي ٿو:

هيءَ ٻرڪ رت جي باڪ پلي، لون آءُ هلي! اي جيون ساٿي!
ڪوليون ڪوئي ڳاڙهو باب
انقلاب، انقلاب، انقلاب!
ٿي ڌرتي ٿهڪي جاڳ جلي، لون آءُ هلي اي جيون ساٿي!

وېريءَ کي مٽيءَ ۾ ملايون
ديش جو ڏيکو آهه حساب
انقلاب، انقلاب، انقلاب.
اڄ مَن مندر ۾ آگ جلي، تون آءُ هلي اي جيون سائي!

چٽنگ دکايون،
اونده ۾
پريت پارين
گوريلن جا گيت گلاب
انقلاب، انقلاب، انقلاب.

اهڙي جذبي وارا شعر جڏهن اچا ته پارن، شاگردن ۽ نون نوجوان شاعرن جي قلم مان لکيل پڙهجن ٿا ته سنڌ جي سنڌيت ۽ سيڪيولرزم واري نسل تي فخر محسوس ٿئي ٿو. هتي ڪجهه جنس طور ڪن جا ڪي بند ڏجن ٿا، جي پٽي صاحب جي دور ۾ ڇپيل آهن:

١) ”اڄو سنڌڙيءَ جو سوڳند کڻون،
سنڌڙيءَ لاءِ ڪنڌ ڏيون....
اڄ وري انقلاب ايندو....
اسين هيمون ڪالاڻي بڻجي
ڦاسيءَ تي چڙهنداسين. (شعر سومرو)
٢) مان نو لاءِ باغيءَ جي للڪار آهيان

مان تو لاءِ گوليءَ جي گفتار آهيان
مان تو لاءِ "حيدر" جي تلوار آهيان
مان هيڻن جي هٿ ۾ نه هٿيار آهيان
سنڌو ديش نعرو آ، ترار آهيان. (سيد علي حيدرشاهه)

٣) هوشو، دودو هيمون سڀ
پٽ ڏسي مرڪي ٿون
جڳ جڳ جيءُ او سنڌڙي ماءُ
تو لاءِ هٿون سر جو داءُ (ارشاد شيخ)

٤) قلم ڪٽان يا ڪات ڪٽان
ليڪه لکان يا ڪٽڪ لٽان
مان بيٺن ۾ تو ٻر ٻرهان
۽ ڏاڍن جا تو سرڏرهان (ادل سومرو)

٥) جي سانگو سر جو لاهي ويا، ڪونڌر ڪنڌ ڪپائي ويا
سي ڪومت "مسرور" جو ڏاهي ويا ۽
"مظفر" کي پڻ لڄائي ويا
سي سنڌ جو ديس ٺي پائي ويا ۽ سنڌو ديش بڻائي ويا
(ملوڪ پرديسي)

٦) اڄ هر ٻه ڪڻ، هٿيار ٻه ڪڻ
۽ گوليءَ جيئن گفتار ٻه ڪڻ
وڃ وطن سڄي کي ٺاري ٻار
هي وقت وڇڻ جو ناهي يار

(اشرف ميمڻ)

٧) دلڙيءَ ۾ بارود ڀري هل
اکڙين کي بندوق ڪري هل
جيئن وڙهاڪو ڏاند ڪري
رت جي اڇڻ راند ڪري. (سهڻو سودائي)

(٨) جت ڏاهر جي ڌڪار هجي
جت هيموءَ جي هاڪار هجي، سو منهنجو وطن
جت موهن جي تهذيب هجي
جت جيئي سنڌ آواز اچي، سو منهنجو وطن (ناز سنائي)

٩) ٻاهر کان اچي ڀاءُ سڏائي ۽ هتان جا
ڪن قتل ٻيا ٻار - ڏناسون نه ٻڌاسون
افسوس آ سنڌين تي جو ڌارين کي ڏنائون
پاڻن کان گهڻو پيار - ڏناسون نه ٻڌاسون (روشن جوڻو)

١٠) اسلام سنڌو اڳوان سڏائي، ڦهر ڪري ولو ڪير ڏسو؟
قوم ڪڏهن مذهب نه ٺهائي، هي ٻه هتي اندڙ ڏسو.
سنڌ جو ٿو سوراج گهران مان، سنڌو ديش ٿو چاهيان مان
(غلام عباس پنهور)

١١) پل ٽنڪون ۽ توبون آهيو ۽ جنگ ڪيو
سنڌو ديش کي ڪير روڪي سگهندو جا؟ (غلام عباس پنهور)

١٢) سنڌ ۾ صرف سنڌي رهڻو آ
هر ڌاريو لوڌي ڪڍڻو آ
مارو لڙا سگهوڙي المدا ساڻي
ڌرتيءَ کي آزاد ڪرائڻو آ (امداد قاضي)

١٣) ڇون ٿا مان ڇڙاءِ، سنڌو ديش وارو
هي نعرو نه منهنجو ڪو آهي نيارو
بلوچن پٺاڻن جو سانجهو نعارو
اڪيلو نه ڇڙاءِ، مان اي يار آهيان (غلام احمد نظامي)

١٤) جت سنڌ جا ڪونڌر روز ڪسن
۽ سيد ڪي ٿا ٻيو وسجن
سو سنڌو ديش اسانجو آ.

(شيام ”وديا“ عباسي)

١٥) ڇا گهر ۾ هيٺن ڳري ويندين؟
او مادر! مانڊ مري ويندين؟
اُٿ! توکي قسم آ ڏاهر جو
پنهنجي دولهي خان دلاور جو
او! سکر روهڙي! جاڳي پئو
او! ٺٽا! مڪلي جاڳي پئو
او ڌرتي منهنجي ڌرتي او
هي تنهنجي لاءِ تو گيت لکان! (ع - غ سنڌي)

مٿين چند شعرن مان ظاهر آهي تہ سنڌ جي نئين نهيءَ کي پنهنجي قديم تهذيب موهن جي دڙي واري سنڌو ديش لاءِ اٿاه قرب آهي، جنهن محسوس ڪيو آهي ته سنڌين کي ڌارين اسلام جي نالي ۾ پيڙهيو آهي ۽ هندو ڀائرن کان وڇوڙيو آهي. هو پنهنجي بزرگن راجا سهاسي ۽ ڏاهر، دودي ۽ دريا خان، هوشو ۽ هيموءَ وانگر سنڌو

ڏيش لاءِ ڪڏهن ڪنهن کان نه ڪيٻائيندا ۽ پنهنجا حق حاصل ڪري رهندا. اهڙي ئي اُمنگن جو اظهار سنڌي شاعرائن به ڪيو آهي جنجون ٿورڙيون ڪوتائون هيٺ ڏجن ٿيون:-

١) هي وطن منهنجو آ
هيءَ جان منهنجي آ
هيءَ مٽي منهنجي آ
هيءَ آن منهنجي آ
مرندس، مرندس
سنڌ تي سائين
هيءُ سر منهنجو آ
هيءَ ٿان منهنجي آ
هيءُ وطن منهنجو آ
هيءَ جان منهنجي آ (زيب النسا)

٢) اُٿو! اُٿو! اي باغي ڏوهي
ڊاهيون پنهنجي ڏار قطار
ظلم کي گڏجي روڪي ڇڏيون
ڀڃجي شيشي جي ديوار
ديش مٿان قربان ٿيون پل
سنڌوءَ ٽان سؤ وار (عابده ممتاز)

٣) منهنجي احساس کي
ماٺ نه ايندي

جڏهن جو وهڪرو جاري رهندو
لشڪر جي جنگ جاري رهندي
ڇو جو مان
حقن جي فتح نصرت چاهيان ٿي
نئون انقلاب چاهيان ٿي
ظالم جو رت پيئڻ چاهيان ٿي
(سلطانه وقاصي)

(٤) رت ٽمندو رهيو،
لهر پرندي رهي
پير وڌندا رهيا
ٻانهه ٻڌندا ويا
رات ٽهندي وئي
نوجوان جو خون
رائيگان ڪين ويو
رات لڙهندي رهي
رت جي لهر ۾
رات ڪٽندي وئي
ٻاڪ ڦٽندي وئي
خون ۾ سرخ سرخ
سج اڀري پيو
ڪناري تي سنڌوءَ جي اوير طرف
سنڌ جا واسيو، سنڌ جا سانگيو
سنڌڙيءَ جا سياڻا سدورا جوان سائيوا

شل مبارڪ ٿئي،
هيءَ ٿيئن روشني،
شل دائم، قائم رهي سنڌڙي! (سحر بلوچ)

٥) اسان چنگ چارڻ جيان چوري به ڄاڻون
اسان ڳنڍ ڳان ڪنڍ گهوري به ڄاڻون
اسان رات کي رات پڻ چئي سگهون ٿا
اسان سچ - سچ جو اُپاري به ڄاڻون. (سوسن ميرزا)

٦) هي ڄامشوري جو ميدان آ
هي مقتل گاهه ڪونهي
هي ميدان آ لالُن لال پر
هي ميدان!
هوشوءَ جو هيموءَ جو
رزاق جو، ڏاهر جو
سيد جو ها جيئم
ٿون پليو آ ٿون پليو آن
هت راڄ آ
سنڌين جو، سنڌين جو (نور الهدیٰ شاه)

٧) سنڌڙي منهنجي مني
اياڻن ڪان لنهنجي سيند پلي
پاليم :
سيند لنهنجيءَ ۾
سندور ادبان

جهلڻ جي سجاليءَ جو
آسن اميدن جو
آزاديءَ جو.
تو اڄ سنڌور جوڙيا
لال لهوءَ جي لڙڪن مان
محنت سان ۽ محبت مان
تو ڏاڍين هٿن وڌايا
ڪيچي ولر هٿ (نسرين جوڻيجو)

٨) هيءَ ڌرتي منهنجي ڌرتي هي
هيءَ سنڌو منهنجي سرتي هي
هو منهنجو ناتو ڌرتيءَ سان
هن پنهنجي پياري سرتيءَ سان
پر ڪي پرواسي آيا ها،
سي پرڏيهي پرايا ها،
تن منهنجو ناتو ٽوڙيو هو
جن پنهنجو رشتو جوڙيو هو
هن ڌرتيءَ سان، هن ڌرتيءَ سان
او سائي ڏس اڄ منهنجي پومي
پرڏيهن کي پرتي آ
منهنجو ڪهڙو دانش او سائي
ڪهڙي منهنجي ڌرتي آ (ڏرلا سنڌي)

٩) سنڌڙي منهنجي پئي سوڙن ۾ سڙي

لون مگر پيٽي ڇير ڇمڪايو هلين!
تي وڌو سيستو شهيدن جو لهو
ڇا اها لالي اِمن لايو هلين؟
اڄڪلهه ماڻ آڳ آزادي آئي
لون مگر پٽي بدن پڙڪايو هلين
منزلون لوڪي سڌيون ٿيون او مٽي!
لون مگر رستن کي رڃايو هلين. (غلام فاطما جتوئي)

۱۰) اڪ اڪ ۾ آهي ٽانڊاڻ، لال لهوءَ جي لالاڻ
باهه جو پنهنجي پاڻئجي ٿي اڄ ڇوڏهينءَ جي چانڊاڻ
هڪ هڪ سنڌڙيءَ جو ساونت
سنڌوءَ سان اڄ ڪري وچن
سر سان بڌي پنهنجو ڪفن
سنيري هليو آ وڻڻ وطن.
ڪنهن سنيالبو پالو بڙڇي،
ڪنهن کي ٻم ۽ گولي ساڻ
اڪ اڪ ۾ آهي ٽانڊاڻ، لال لهوءَ جي لالاڻ. (شبنم مولي)

ٻن شاعرائن ڏرلما سنڌي ۽ شبنم مولي ٻين شاعرائن جي پيٽ ۾ سنڌو ديش هلچل کــي اوج ڏيڻ واري شاعري چڱي ۽ اثرائتي ڪئي آهــي. ٽازو جي-ايم-سيد جي جنم ڏن ۱۷ جنوري ۱۹۷۵ تي اڪتل خاص پرچن ۾ هڻن جنهنڪي 'جنهنجم سالين' لاءِ ڪوتائون ڇپيون آهن سي سنڌن نه رڳو جي-ايم-سيد لاءِ پــر خود سنڌو ديش لاءِ

سڪ ۽ صدق ظاهر ڪن ٿيون، ڏسو:
انهنجي قلم قلم لي سائين،
مان پنهنجو ڪنڌ جهڪايان،
تنهنجي قدمن جي پاڪ مٽيءَ سان
مان پنهنجي ماٿي تي ٽلڪ لڳايان
تنهنجي همت، ۽ سنڌ جا سائين
"جيئي سنڌ" جي مشعل جرڪي
ان مشعل جي سوجهري ۾
مان آزاديءَ جي راهه نهاريان،
مان توکي سجدا سؤ ڪريان
او سنڌ ڌرتيءَ جا ديوتا! (شبنم موتي)
سنڌ جو سائين هڪڙو سائين
سائين جي- ايم - سيد
ڪوئي ناهي ايڏو اُتم
جيڏو جي- ايم - سيد
منهنجي ڌرتي، منهنجي دنيا
منهنجي دل ديول جا سائين
تنهنجو جهنڊو اوچو رهندو
قيامت تائين جهولندو رهندو
گرزن گولين جي وسڪاري ۾
اڳتي اڳتي وڌندو رهندو
جيسين جڳ ۾ جيون آهي

توهان جي جيت سدائين
جيئين سائين، قيامت تائين
سنڌو ڌرتي ناز ڪندي (ثريا سنڌي)

ثريا سنڌيءَ جو تازو لکيل سونهن ۽ سچائيءَ سان ٽمٽار يادگار شعر آهي، "چماٽ." اهو جيئي سنڌ جي اڳوان اسماعيل وساڻ جي ساهس ۽ سورهيائيءَ کي سلام آهي، جنهن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پاڪستان جي تعليمي وزير حفيظ پيرزادي کي جيئي سنڌ ۽ جي. ايم. سيد خلاف گهٽ وڌ ڳالهائڻ تي چماٽ ڦهڪائي هنئي هئي. هن ڪوتا سان شاعرا نه رڳو اسماعيل وساڻ کي پر پاڻ کي به امر ڪري ڇڏيو آهي. هوءَ لکي ٿي:

سنڌوءَ جا سرواڻ، جبل جيڏا ڄاڻنا جيو
هن ڌرتيءَ جا دودا، ڏونگر جيڏا ڏاڍا جيو
سنڌ يونيورسٽيءَ جا واسي، آئين جيڏا اوچا جيو
اي گهوٽ اڻموٽ، تو مڃي مور نه آڻ
اي اسماعيل وساڻ..
توهان جي ساهس سنڌ کي ياد رهندي
ڏاڍ جي ڳل تي، توهان جي لوهي آڱرين جون ليڪون
تاقيامت اڻ مٽ رهنديون
مندي منهن تي، توهان جون سوڀيل پنج لوهل شيڪون
تاقيامت ياد رهنديون
تاقيامت چالو رهندي ۽ اها چماٽ

چڙهيل ڳل تي هاڻ
اي اسماعيل وساڻ..
تنهنجي ساهس سنڌ کي ياد رهندي
اي منهنجي ڀونءِ جا ڏگهه ڄاڻا جوڌا جنگ
هڪ چڙهيل ڳل تي چماٽ هڻلي
جڏهن تنهنجي اڳه کي گهيرئو
ڪنداليڻ ۽ ڪرڻ ساڻ
ڏاڍن تنهنجي اڳه کي ڪوريو
اي منهنجيءَ ڌرتيءَ جا جهونجهار
هڪ منڍي منهن تي چماٽ هڻلي
تنهنجي ڀوميءَ تي ئي ڏاڍن
تنهنجو رتو رت وکيريو
جنهن جاءِ تي تنهنجو رت وهيو
مان ـ جدا اُت سؤ وار ڪريان
سي رت ـ ڦڙا سڀ جهول ڀري
مان هڪ مالهي تلڪ هڻان
سي تلڪ قيامت تائين چمڪن
چڻ ڪي آڀ تي تارا ٽمڪن
اي هن ديش جا هوشو، اي هن ديش جا همه
تاقيامت زنده رهندي تنهنجي هستي هاڻ
اي اسماعيل وساڻ...

پنهنجي ساهس سنڌ کي ياد رهندي.

ڪوڙن وانگر ڪهاڻيڪارن ٻــ پنهنجي ڪهاڻين سان سنـڌو ديش هلچل کي هٿي ڏني آهي. انهن مان مکيه آهن: امر جليل، نجم عباسـي، علي بابا، رشيد ڀٽي، طارق اشرف، عبدالقادر جوڻيجو، نسيم کرل، غــلام نبي مغل، قمر شهباز، آغـــا سليم، عبدالحق عالماڻي، ناصر مورائي، شوڪت حسين شورو جيڪي نه اڳيئي مقبول آهن، پر ڪيترن نون ڪهاڻي ليکڪن ۽ ليکڪائن به ان ڏس ۾ پنهنجي نين ڪهاڻين سان وارو وڄايو آهي. انهن مان مکيه آهن، خليل قاضي، عطا محمد ڀنڀرو، مانڪ، جهمٽ ڀٽ بدايڻائي، ڪنهر شــوڪت، يوسف لغاري، مشتاق ڀٽي، عبدالحسن عالماڻي، ظفر حسن، نسيم ٿيبو، شبنم مولي، ممتاز مهر، مشتاق باگاڻي، زينا ميمڻ وغيره.

هتي مان ڪنهنجي ڪهاڻي پنهنجي ٻـــزرگن جــي الهاسڪ ورثي (پوءِ اهو غير اسلامي ڇو نه هجي) لئي فخر جو جذبو جاڳائي ٿي نه ڪا اسلام جي نالي ۾ هندن لــي ڪيل ظلم جي اوگهڙ ڪري ٿي نه ڪا غير سنڌي مهاجرن يا پنجابين جي سنڌي مسلمانن سان ڪيل بـــي انصافيءَ خلاف آواز بلند ڪري ٿي نه ڪا بنگلاديش جي آزاديءَ جي حمايت ڪري ٿي نه ڪا پنهنجي وڇڙيل هندو ڀائرن جي ياد ۾ ڳوڙها ڳاڙيندي لـــي نه ـــ ڪـــا جيئي سنڌ جي حامي شاگردن ۽ جوانن لي سرڪار طرفان ڪيل ڏاڍ

کي ڏاري ڇڏي ٿي ته ڪا سنڌي ٻوليءَ خلاف مهاجرن جي ڪيل فسادن جو ڇتو ڇڏي ٿي ته ڪا سنڌ جي آزاديءَ لاءِ للڪار ڪري ٿي ته ڪا سنڌي جوانن ۽ جوانڙين جي سنڌيت لاءِ سڪ ۽ انکي ساهه سان سانڍڻ لاءِ اتساهت ڪري ٿي وغيره.

هنن مان خاص ڪري هڪ ڪهاڻي جنهن سڄيءَ سنڌ ۾ غلغلو مچائي ڇڏيو، سا آهي امر جليل جي لکيل "سرد لاش جو سفر" جنهن سيپٽمبر ۱۹۷۳ ۾ ڪنڌ ڪوٽ ۾ هندن تي مهاجرن ۽ مذهبي پاڳلن طرفان وهايل وئلن ۽ اسلام ۽ قرآن جي نالي ۾ ڪيل قهرن جي اوگهڙ ڪيل آهي. ان ڪهاڻيءَ ڪري امر جليل کي جيل وڃڻ لاءِ گرفتاريءَ جا وارنٽ به نڪتا. ان ڪهاڻيءَ ۽ ٻي خليل قاضيءَ جي ڪهاڻي "جمهوريت جو سچ" ڇپڻ ڪري سهڻيءَ جي سمپادڪ طارق اشرف تي مقدمو داخل ٿيو ۽ ڪجهه وقت جيل ۾ به وڌو ويس.

ليڪن اڄ اهي جيل ۽ ٻيون جنيون جيئي سنڌ ۽ سنڌو ديش جي ساٿين کي جهڪائي نه سگهندا جو هنن پنهنجي صحيح ماضيءَ جي ورثي، حال جي حقيقت ۽ مستقبل جي منزل کي سڃاڻي ورتو آهي.

سنڌي مسلمانن طرفان پنهنجي ماضيءَ جي صحيح ورثي کي سڃاڻڻ جي شروعات ويهه کن سال اڳي ٿي جڏهن شيخ اياز سماهي مهراڻ ۾ خط لکيا جنهن ۾ هن موهن

جي ڏڌي جي خاڪ کي چمڻ ۽ اروڙ جي عظمت ۽ انجي
راجا ڏاهر ۽ راڻي لاڏيءَ جي وارثا جي واکاڻ ڪئي. اهي
خط پوءِ ايلاز جي ڪتاب "ڪاڪ ڪلوريا ڪاپڙيءَ" ۾ ڇپيا
ان ڪتاب تي بندش وڌي وئي جا اڄ تائين نه لٿي آهي.

سائين جي. ايم. سيد ان صحيح ورثي کي پنهنجو
قيمتي ورثو ڪري قبولڻ لاءِ تحرڪ هلايو ۽ انکي سنڌو
ديش جي آزاد هستي ۽ آئيندي جو ضامن ٺهرايو آهي.
هن ئي راجا ڏاهر خلاف مسلمانن جي ڇپيل بهتانن کي رد
ڪري سنڌ جو پهريون سورمو ڪري تسليم ڪيو آهي ۽
محمد بن قاسم کي حملو ڪندڙ ۽ حق هڙپ ڪندڙ ڪري
ڪوٺيو آهي.

جي. ايم. سيد جو رايو هاڻي پڻ اتهاسڪارن ۽ عالمن
۾ به مقبول ٿي رهيو آهي. برک اتهاسڪار ۽ عالم پير حسام
الدين راشدي لکي ٿو ته "اسان راجا ڏاهر کي وساري ڇڏيو
هو، جنهن لاءِ اسين مخالفن جا ٿورائتا آهيون جن اسانکي
راجا ڏاهر ياد ڏياريو آهي. اسين جڏهن راجا ڏاهر جو
ذڪر ڪريون ٿا ته اسان گويا سنڌ جي ان شاندار ماضيءَ
کي ٿا ياد ڪريون، جنهن ۾ سنڌ آزاد ۽ خودمختيار هئي...."

هو ٻئي هنڌ لکي ٿو ته اسان سنڌ ۾ موهن جي دڙي
کي مُئن جو دڙو سڏيو ۽ تاريخ سان بي انصافي ڪئي.
برهمڻ آباد کي منصوره جو نالو ڏنو ويو ۽ ڀنڀور کي ديبل
ڪيو ويو. سنڌ جي تاريخ سان ٿيندي اهڙي روا هي شرمناڪ

حد ٿائين آهي.

ساڳيءَ طرح مشهور ليکڪ علي بابا لکي ٿو ته ”اسان کان اسانجي تاريخ لڪائي وئي آهي. اسانکي شائسته خان، احمدشاه ابدالي ته پڙهايو ويو، پر راجا سهاسي ڪنان وٺي هوشوءَ تائين تاريخ گم ڪئي وئي.. سنڌي سموانڊ کي عربي سمنڊ جي نالي سان سڏيو ويو. پر اسين ڏسندا سين ته اسان سان اها تاريخي بدمعاشي ڪيستائين ڪئي ٿي وڃي.“ هو وڌيڪ لکي ٿو ته ”سنڌ ڏاهر آهي ۽ ڏاهر سنڌ! هو ٿي هن ڌرتيءَ جو پهريون ڪنل انسان آهي. هن جو رت هڪ ڏينهن ضرور گلن جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو..“

ٻئي هڪ ليکڪ خالد سنڌي سنڌ جي آڳاٽي شاهوڪار ورثي جي ڳالهه ڪندي راجا ڏاهر ۽ عربن جي لڳاتار الزامن کي زوردار رد ڪندي ڪوڙو ثابت ڪيو آهي ۽ هنجي پنيرائي ۽ مهما ڪئي آهي. هن حجاج کي ظالم، خوفناڪ جلاد، ڪميڻو، ذليل ۽ انسانيت جي رت سان هولي کيليندڙ جا لقب ڏنا آهن.

ٻئي هڪ شاعر ۽ ليکڪ غلام حسين رنگريز به هن لاءِ لکيو آهي، ”حجاج انساني تاريخ جو بدترين انسان هو جنهن کي انسان چوڻ به شرم جي ڳالهه آهي. هن جي ڪارنامن تي ڪا به قوم فخر نٿي ڪري سگهي. حجاج جون جنگي مهمون ۽ فتحون ڪنهن به طرح حق جون فتحون نٿيون

ٿي سگهن.“

هڙي قسم جا ويچار رڳو اهي ٿي ظاهر ڪري سگهن ٿا، جن کي پنهنجي سنڌو ديش لاءِ ۽ هر ڪنهن شيءِ کان وڌيڪ سڪ آهي، پنهنجي آڳاٽي اتهاس ۽ سڀيتا لاءِ سنيهه آهي، پوءِ چاهي اها هندوءَ جي يا مسلمانن جي آهي، پر آهي سنڌواسيءَ جي ۽ سموري سنڌي قوم جي. سنڌ ۾ هي ويچار رڳو آڳاٽي زماني لاءِ نه پر هاڻوڪي زماني لاءِ به ظاهر ڪيا ويندا پيا. هاڻوڪي زماني واري ورهاڱي کان اڳ واري تاريخ ڪي هندو مسلم جي ڀيد ڀاو واري نظر سان نه پر هندو مسلم جي اُلفت جي اک کان ڏٺو ويو ۽ مسلم ليگ جي تعصبي نگاه واري وهنوار ۽ ويچار کي ترڪ ڪيو پيو وڃي.

مشهور شاعر نياز همايوني پنهنجي يادگيرين ۾ لکي ٿو، ”مسلم ليگ سنڌي مسلمانن کي، هندن جي ملڪيت ڦرڻ جا آسرا ڏئي پنهنجي ليڊري ته چڪائي پر هنن ۾ ڪو به سياسي ۽ سماجي شعور پيدا نه ڪيو.. اُلٽو قدر جو ڪانگريسي ورڪر جڏهن ڀوراڙين ۾ وڃي انهن کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ته هو کين ڪافر ڪوٺي سائن وڙهڻ ايندا هئا.“

اها ساڳي ڳالهه سنڌ اسيمبليءَ جي هاڻوڪي ميمبر مسٽر ظفر شاه به ڪئي آهي. هو لکي ٿو، ”جڏهن پاڪستان ٺهيو هو ته سنڌين پنهنجي سادي سياه

۾ ئي سمجهيو ماں... پنهنجي همروطنن، هم ٻولي ۽ هم ثقافت ماڻهن (هندن) کي لڙي ڪڍيو... اسان حد کان وڌيڪ لالچ ڪئي."

اهڙي ئي ڏک مان محمد عثمان ڏيپلائيءَ "شيخ المشائخ" ڪتاب ۾ هڪ تعصبيءَ ۽ تنگدل پير ابراهيم خليل سرهنديءَ کي جنهن راجا ڏاهر، چچ ۽ هندن خلاف اوڳاڙيل زهر کي زبردست رد ڏيندي، ظلم کان تنگ ٿي سنڌي هندن جي لڏڻ جو ذڪر ڪيو آهي: "اوهين جيڪڏهن نوابشاهه، حيدرآباد، ڪراچي ۽ ٻين هندن سان ٿيندڙ ظلم اکين سان ڏسو ها ته خبر پوَو ها ته پنهنجا آڏيا رڳو ڪري کير ٿو ڇڏي... ان وقت اسٽيشن جي پر ۾ شرنارٿي ڪئمپ ۾ رهندڙ عورتن سان جيڪي ظلم اوهان جا پيارا ڪندا هئا، آهي شل خدا تعاليٰ دشمن کي به نه ڏيکاري!"

پير حسام الدين راشديءَ نه صاف چيو آهي، "ماڻهو چا نه چون، پر حقيقت هيءَ آهي ته پاڪستان هتي ڪراچيءَ ۾ اسان ٺاهيو، جنهنجو مقصد هو هندن کان اقتصادي برابري ۽ استحصال (ايڪسپلائٽيشن) کان سنڌ جي مسلمانن کي آزاد ڪرڻ... پاڪستان ذريعي اسان بهشت جي تمنا ڪئي هئي، پر معاملو دوزخ کان به وڌي ويو."

هو پنهنجي ڪتاب ۾ نه هندن جي مهما ڪندي لکي ٿو، ”حقيقت ۾ سنڌ کي هندن آڏيو. ملڪ کي انهن سينگاريو ۽ سنواريو... هندن دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان خزانا ڪٺي، اچي جيڪي ڪڏن مٿان ڪڏ آڏيا هئا، خدا جي فضل سان اسان انهنجي اڄ سر نه چڙي سر ڪئي.“ (هو ڏو ٿي، هو ڏينهن).

سنڌ لاءِ اهڙي سڪ ڏيکاريندڙ راجا ڏاهر کي، سائين جي. ايم. سيد ۽ ٻيا قومي شاگرد، جوان ۽ ليکڪ پنهنجو هيرو سمجهن ٿا. پر جيڪي تنگدل ۽ تعصبي انجي مخالفت ڪن ٿا، تنکي مخاطب ٿيندي، جيئي سنڌ واري جوان عبدالواحد آريسر ”صدين جون صدائون“ ڪتاب ۾ لکيو آهي، ”جيڪڏهن رسول پيغمبر بادشاهه جي پوڄاري (نوشيروان) جي تعريف ڪري سگهي ٿو ته اسان پنهنجي قومي هيرو ڏاهر جي تعريف ڇو نه ٿا ڪري سگهون؟“

هو پنهنجي سنڌي هئڻ ۽ سنڌ ڌرتيءَ تي فخر ڪندي پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو، ”اسين ١٥ هزار سالن کان سنڌي آهيون. اسين پاڪستاني نه هئاسين، پر سنڌي هئاسين، مسلمان ڪو نه هئاسين، تڏهن ۽ سنڌي هئاسين، سنڌي هئڻ جو سرٽيفڪيٽ اسانکي سنڌ ڌرتيءَ ڏنو آهي.... اسان کان سنڌي هئڻ جو حق ڪنهن به طرح ڦري نٿا سگهو.“

ليڪن ھڙا خيال ڀٽي صاحب کي پاڻ نه پيا. ان ڪري ئي الھنجو اثر ٽوڙڻ لاءِ ھن جيئي سنڌ ۽ سنڌو ديش جي حامي شاگردن، جوانن ۽ اديبن سان انيڪ ڄڻيون ڪيون. ان ۾ جيئندم جو ڪنھن وقت جو ساٿي، شيخ اياز به ھماليه جيڏي ڀل ڪري، سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلري قبولي، ڀٽي جو ٻانھن ٻيلي ٿي بيٺو. البت ٻنھي ڄڻن سنڌين سان ڪي ڀال به ڀلايا. جيئي سنڌ ۽ سنڌو ديش جي جذبي سان ٽمٽار ادب ڀٽي (مرحوم) جي ئي دور ۾ لکيو ھو، جيتوڻيڪ ھن ڪيترن ئي سنڌي رسالن ۽ مخزن تي بندش به وڌي ھئي.

ڀٽي پنھنجي گدي سلامت رکڻ لاءِ پنجابين ۽ مھاجرن کي خوب خوش ڪيو. ليڪن انھن پنجابين ئي ھٿان شھيد ٿيڻو پيس. البت آخر ڏائين جھڪيو ڪو نه ۽ پنھنجو ڳاٽ اوچو ڪري امر ٿي ويو.

ڀٽي بعد فوجي ڊڪٽيٽر ضياءالحق جي ظلمي، ڊيردونس واري راڄ ۾ جيئي سنڌ ۽ سنڌو ديش جي جذبي وارو ساھت گھڻو گھٽجي ويو آھي. جھونا اڪثر ماٺ آھن ۽ نون ۾ آلساھ ڪونھي. ان حالت جو چٽر جمال اٻڙي ھيئن چٽيو آھي:

١- سچ نه وڻي سرڪار کي، ڪوڙ نه وڻي رب،
سر سونھيو نيزي مٿي، ايءَ حسيني حب،

پرڻن جي پيڙا جي، کي دلبر سهندا ڏيهه
لڀي نه سگهيا لب، جمال آيو جلال ۾.

۲- ڪاٺي مٺائي مات ۾، ڀارو مٺي آهي مات،
ڪرائيءَ سان ڪاٽ، مانائيءَ جي مات ڪئي،
ڀون ڀون جي پرمار سڀن، ڏاڍ ڏمر ڏهڪاءِ،
سمجهوتو سروپاءِ، موٽائي هٺيلس منهن ۾.
(سرتاج - ۱۹۰۲)

ليڪن فوجي راڄ جي ستن سالن ۾ جيڪي سنڌ ۽ سنڌو ديش جي جذبن جو اثر ٿئي نه ويو آهي، جنهن ڪتابن ۽ ليکن مان به ظاهر آهي- سنڌ، سنڌي ٻولي، سنڌي قوم ۽ ورثي ۽ هندن جي ياد لئي قلم آزمائي اڄ به ٿيندي رهي ٿي.

قاضي فيض محمد جون "يادون" ڪتاب ۾ ليکڪ لکي ٿو، "... هنن جاهلن (حڪمران مفڪرن) اسلام جي اها گت ٻڌائي آهي جو اڄ ٻار ٻچو اسلام جي نالي کان ڀڄو ڀڄي. هنن جي اسلام ۾ جاگيرون، زميندارئون، سرمائيدارئون، آفيسر شاهي جنهن جو ڏنڊو ئي آهي قدرت، مذهب آهي عيش عشرت، ظلم، تشدد (هنسا) سڀ جائز آهي."

"ڪيٽي ڪتاب" ۾ رئيس اطاليءَ هندن جي قرب جون ڪهاڻيون، هولي، ڏياري، ٿڌڙي، جنماشٽميءَ جي رهاڻ جهڙ، هندو ڌرم ۽ ڪلاسيڪل

سنگيت جو ذڪر ڪري هندو مسلم ميلاپ جي ياد تازي ڪئي آهي.

ياءُ ابراهيم جويي "شاهه، سچل، سامي" ڪتاب ۾ انهن ٽنهي جي دور جي سياسي، مذهبي ۽ تهذيبي صورتحال جو جائزو سيڪيولر ۽ سنڌيت واري نگاهه کان ورتو ۽ کين سنڌي قوم جا اُستاد ۽ رهبر سڏيو آهي.

رسول بخش پليجي "جن جهوڳاڙهه جلايو" ڪتاب ۾ شڪارپور جي "جيٺي واٽئي" کي ميرن جي راڄ ۾ هنجي لڙاڪو فولادي جگر، قومي خود داري ۽ غيرت واري سورهيائي جو ذڪر ڪري سنڌ جو سورهيو سڏ ڪيو آهي. ڊاڪٽر مبارڪ عليءَ پنهنجي ڪتاب "سنڌ جي تاريخ ڪئن لکجي" ۾ چوي ٿو ته تاريخ کي اڄ مذهبي نگاهه کان نه پر قوميت جي، نگاهه کان ڏسڻ کپي. سنڌ جي تاريخ موهن جي دڙي کان لکبي، جنهن ۾ راجا ڏاهر هيرو ليکبو.

مخزن ۾ خاص ڪري چانڊڪا ڪاليج (لاڙڪاڻي) جي بن پرچن "موهن جو دڙو" ۽ "ڏياري" ۾ جيڪي سنڌ ۽ سنڌو ديش جي جذبي کي هٿي ڏيندڙ چگيون رچنائون آهن. شايد ان جذبي ڪري ئي ان ڪاليج ٣١٢ شاگردن کي هڪ سال لاءِ رسٽيڪيٽ ڪيو.

"موهن جو دڙو" ۾ تہ هڪ باغي ويچار بہ ڏنل آهي حفيظ قريشيءَ جو. هو لکي ٿو "مولڪي جيڪڏهن حديث ڏيکاري وڃي تہ محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم چيو آهي سنڌ جي آزاديءَ جي لڙڪ نہ هلائي وڃي تہ بہ آءٌ لڙڪ هلائيندس ۽ حديث کي

رد ڪري ڇڏيندس. ان مان هندو - مسلم فرق ظاهر آهي جو ٻنهين نسل جي سڄاڳيءَ ۽ سنڌيت جو ثبوت آهي.

ان سڄاڳيءَ جو اثر خود فوجي حاڪمن جي اسلامي صلاحڪار **اي. ڪي. بروهيءَ** تي به ٿيل نظر اچي ٿو جو هو به هاڻي اسلامي ڪلچر جي ڪري سنڌي ڪلچر کي رد ڪرڻ غلط ٿو سمجهي. اردو روزاني "جنگ" ۾ لکيو اٿس "اسان وٽ ڪي ماڻهو هندستاني فلمون ڏسڻ ۽ سنگيت ٻڌڻ خلاف آهن ۽ ريڊيو ۽ ٽي وي تي سنگيت کي اسلامي ڪرڻ لاءِ عربي رنگ ڏيڻ ٿا چاهين، جو غلط آهي. اسانجو سنگيت (موسيقي) عربيءَ جي ڀيٽ ۾ گهڻو بهتر ۽ ترقي يافته آهي. ڪي ته اسلامي لباس ۽ کاڌو تيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، جا به غلط آهي ۽ اسلام جي روح خلاف آهي، ڇو ته ڪو اسلامي ڪلچر وجود ئي نٿو رکي. اسلام دنيا ۾ اڳئين موجود جزن کي تباهه نه ڪيو آهي پر ترقي ڏني آهي.... سنڌي، پنجابي، بلوچي ۽ پشتو ڪلچر گڏجي هڪ سهڻو گلدستو ٺاهيو آهي جو اسانجو ڪلچر آهي. جيڪي مڪاني ڪلچر کي رد جي ڪوشش ڪن ٿا، سي بيوقوف آهن."

مڪاني يعني جدا جدا صوبن ۽ قومن جي ڪلچر (۽ قوميت) کي رد ڪرڻ وارو اهو حڪمران ٽولو ۽ ذهنيت تي سالن جهڙم طوفان اٿاريل سنڌو دشمن جي سوال لاءِ ذميوار آهي. ان "ذهنيت" ۽ "قوميت" جو مقابلو سنڌو دشمن جو مسئلو ڪندو، جنهن لاءِ سنڌ جي عوام کي ئي ٻاهران راهه ڏيڻي آهي.

جيئي سنڌ گيت جو ڪوي جتوئي

آزادي، امن ۽ انسانيت جي اعليٰ ۽ بيباڪ جذبن سان ٽمٽار گيت ”جيئي سنڌ، جيئي هند“ جو رچيندڙ انقلابي ڪوي حيدر بخش جتوئي (مرحوم) سنڌ ۽ هند ۾ وراهيل ۽ وڇڙيل سنڌين جي محبت ۽ ميلاپ جو مجسمو آهي. سنڌي قوم ۾ هن وانگر پنهنجي آدرش ۽ آدرش لئي سچائي، سورهيائي ۽ صاف گوئيءَ سان ثابت قدم رهڻ وارا رهبر ڇڏا پاڇا نظر ايندا. هو باشعور شاعر هو ۽ اٽل ارادي وارو لڙاڪو انسان هو. هاري هلچل جو روح روان هو ته ”جيئي سنڌ“ نعري جو جنم داتا هو. پڇاڙيءَ جو جيئي سنڌ جي سوڀ (ون يونٽ جي) ٽٽڻ جي خبر ٻڌي وڃي ساسين سڪالو ٿيو.

دلبر دوست جتوئيءَ سان اڄ ۱۹۴۴-۱۹۴۷ واري زماني جون حيدرآباد (سنڌ) ۾ سائنس ڪيل ڪچهريون پيئون ياد اچن. هو چائو هو موهن جي دڙي پرسان ٻڪو ڏيرو جي ڳوٺ ۾، پر سندس دائمي ڏيرو حيدرآباد ۾ ئي هو. السي الهندي ڪچي ۾ جنهن چونڪ ۾ سندس لال رنگ واري جاءِ هئي، ان کي اڄ ”حيدر چونڪ“ سڏيو ٿو وڃي. هن پنهنجي مڪان جو هيٺيون طبقو هاري هلچل جي حوالي ڪري ڇڏيو هو. اتي ئي اڪثر شام جو جالي جتوئيءَ سان آزادي، سوشلزم،

هاري مزدور ۽ هندو مسلم مسئلي وغيره لاءِ بحث
مباحثو پيو ٿيندو هو ۽ ميٽنگون مڙ ۾ ٿيندا هئا.

هو لَلي چَپڙي ڪري نه ڄاڻندو هو. سچ ته مرد
چون ڪنهن کي وڻي نه وڻي. خاص ڪري تعصب ۽
تنگدليءَ تي خوب طعنه-زني پيو ڪندو. هن لاءِ سچو
مذهب انسانيت هئي. الڪري خدا جي هستيءَ ۾ ئي
وشواس نه هوس. ليڪن علم ۽ اڀياس، اسلام ۽ هندو
ڌرم ٻنهي جو هوس. اهڙين ڳالهين ۾ طنز ۽ مذاق کان
خوب ڪم وٺندو هو. ڪي پنهنجا شعر ٻڌائي کلائيندو
هو. چي:

١- تون جي آدم جو خدا، ڪير آ شيطان جو خدا،
ڪير ڪافر جو خدا، تون جي مسلمان جو خدا.
٢- يا خدا تون آهين خالق ڪ مان خالق تنهنجو؟
٣- جيڪڏهن تنهنجو جهان سارو گلستان ٿئي ها،
هر جڳهه عيش عشرت سندو سامان ٿئي ها،
جي سدا صلح و امان حص، انسان ٿئي ها،
تنهنجي الله پڻي ۾ ڪهڙو نقصان ٿئي ها.

هي باغي شعر حيدر بخش جتوئيءَ جي ١٨٠ سٽن
واري مشهور "شڪوه" ۾ چيل آهن. ان ۾ شاعر خدا
کي جهان ۾ ڦهليل بي انصافي ۽ بي بندوبستگي، نفاق،
ويڇا، ويڙهه جهڳڙ وغيره خلاف شڪايت ڪري گويا
هن جي هستيءَ کي للڪاريو آهي. هيءَ واقعي انقلابي گفتار
آهي جنهن تي وڏو مهڙ مچي ويو. ملن، مولوين هن

لاءِ ڪفر جي فتويٰ صادر ڪئي. جتوئيءَ جي 'لطف سنڌ' نالي مجموعي ۾ جيڪو هي 'شڪوه' ڇپيو هو، ان تي بندش وجهڻ لاءِ روايت پرست ۽ رجعت پسند رڙيون ڪرڻ لڳا. اهو زمانو ۱۹۳۰ جو هو ۽ جتوئي خود سرڪاري مختيارڪار هو. مجموعي تي نه رڳو بندش پيئي، پر جتوئيءَ کي نوڪري تان لاهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.

لطف سنڌ ۾ شڪوه کانسواءِ ٻين قسمن جا شعر-غزل، رباعيون، مثنوي، قصيدو، مذاقي نظم به ڇپيل آهن. البت ٻولي ڪجهه ڏکي آهي. انجو اهو سبب ته نظر اچي جو جتوئيءَ بي - اي ۾ پارسيءَ ۾ امتيازي (ڊسٽنڪشن) مارڪون کنيون هيون. پارسيءَ جو گهڻو اثر ٿيل هوس.

ان مجموعي ۾ حيدربخش جي ٻهرين-ٻهرين لکيل ڪوتا "درياه شاه" ڇپيل آهي جا اڄ اڌ صديءَ بعد به نت نئين پيئي لڳي. هن اها ڪوتا ۱۹۲۵ ۾ پنهنجي ڪاليجي زماني ۾ لکي هئي. ان ٻهرين ٻهرين ڪوتا ئي کيس سنڌي شاعرن جي اول صف ۾ آڻي بيهاريو هو.

"درياه شاه" ڪوتا سنڌ پرميءَ جي مٽيءَ جي مهما ۽ وطني حب جي هڪڪار سان ڀمتار آهي. اها سچ ته سنڌو نديءَ جي استتيءَ جو گيت آهي. ۱۹۶۴ ۾ سنڌ ۾ شاهه لطيف جي ورسيءَ ۾ ڀاڱه وٺڻ وقت مونکي

حيدرآباد ۾ پنهنجي يار جتوئيءَ جي واڻان اهو پڙهي جو وقعو مليو هو. هتي ان ڪوتا مان رڳو جنس طور مٿ پيش ڪريان ٿو:

١- ٿي سانوڻ ۾ ٽوڪسي ٻهاري ٽٽي،
ٻهاريءَ ۾ خوش خلق ساري ٿئي،
ٿي 'ساريءَ' سان ڏرتي ۽ ڪاري ٿئي
٢- پيلا اوج ٽنهنجي! پيلا موج تنهنجي
عجب تنهنجون ڇوليون! ڏٺي واه جون لوليون
هي لوليون ٽيرن پوليون ڪري نين ساه!
پلي آئين جي دريا شاه!

"لطف سنڌ" جي پڙهڻ کان پوءِ جتوئيءَ کي عجب نه لڳو ڇو جو ان جي ڀاڄ مان لڳي ٿو ته ڪيس اهڙا پرون پيا ٿي. ان ڪري ٿي ان ۾ لکيو هٿائين ته هي شعر پڙهي دوست ۽ دشمن جي پڙهن ۾ جتوئي پنهنجي اظهار ڪي دانگي لاءِ تيار نه هو. ڇو ته هن وقت ٿي هن سرڪاري نوڪريءَ کي ٽوڪر هٽڻ ٿي چاهي، پر پنهنجي لي جي زور ٻار جي اين ئا ڪيائين. ليڪن هن جي وفات بعد ١٩٣٥ ۾ سرڪار جي ڊپٽي ڪليڪٽر واري نوڪريءَ تان استعيفا ڏيئي ڇڏيائين. جتوئيءَ ڪيترن جي ان وقت جتوئيءَ کي هيڏي وڏي پگهارءَ مان شان واري نوڪري ڇڏڻ کان منع ڪئي، ان قدم کي انائيت ڪري سڏيو هو. ليڪن هي انقلابي

بار اياڻب سياڻپ جي اوڪ ٻوڪ نہ ڪري، پنهنجي، مان مرتبي ۽ شخصي سک جي پرواهہ نہ ڪري سرڪاري غلاميءَ واري نوڪريءَ کي ٺوڪر هڻي، قوم جي خدمت جي ڪار ۾ جنبي ويو.

ياد ٿو اچيم تہ ڪيئن نہ ان وقت استعيفا ڪري جتوئيءَ کي سنڌ سڄي کان سائين يون يون ڪري اچي ورتو هو. ٺيڪ اهڙيءَ طرح ٿي جڏهن ١٩٦٠ ۾ مون پنهنجي رفيق جتوئيءَ جي نقشي قدمي ڪري سنڌي ٻوليءَ جي هلچل خاطر پنهنجي پڪي سٺي سرڪاري نوڪريءَ تان استيفا ڏني هئي، تڏهن ڪن دوستن قدر ڪرڻ عيوض ٽيڪا ٽپڻي ڪئي هئي. ڪي تہ اڄ بہ پنهنجي ڪمزوري لڪائڻ لاءِ منهنجي ان قدم کي غلط سمجهندا آهن!

جي. ايم. سيد پنهنجي ڪتاب ”جنب گذاريم جن سين“ ۾ جتوئيءَ جي استيفا بابت لکي ٿو ۽ ايا تائين بہ جڏهن ڪي ڪامورا ڪيس چوندا آهن تہ هن وقت نوڪريءَ ۾ هجين ها تہ سينئر ڪليڪٽر يا ڪمشنر جي عهدي تي هجين ها، ناحق انهن ماڻهن لاءِ پنهنجو مستقبل خراب ڪيئہ، جن وٽ ٿنهنجو قدر ناهي، تہ هن جو جواب اهو هوندو آهي تہ منهنجو مستقبل قوم جي مستقبل کانسواءِ ڪجهہ ناهي. جيڪي ڪيو اٿم ان تي باوجود مشڪلاتن جي، خوشي اٿم،

ارمان ڪونه اٿم.

حيدربخش جتوئي هڪ ننڍي ڪاليدار هاريءَ جي ڪٽنب جي پاٽي ۽ سرڪاري آفيسر جي حيثيت ۾ هارين سان جيڪي وڌل وهندا ڏٺا ان هن کي هاري هلچل ۾ ٽپي پوڻ لاءِ آماده ڪيو. هن جي واڳون وٺڻ سان هاري ڪاميٽي هڪ جاندار جماعت ٿي پيئي. سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ هاري حقدار جو نعرو گونجڻ لڳو. اهڙي وقت ١٩٤٦ ۾ هنجي شعر جو پهريون مجموعو 'آزادي قوم' شايع ٿيو. ان جا ڪي اکر جتوئيءَ اسان جي ليکڪن ۽ ودوانن جي ٿاهيل نئين سنڌتا "پروگريسو گروپ" ۾ پڙهيا هئا، جنهن ۾ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي، ليکراج عزيز، ليرت بسنت، وشنداس جڳتياڻي، گيهيمل مولچنداڻي ۽ ٻيا ڀاڱي وٺندا هئا.

هن مجموعي ۾ ٨٥٥ سٽن جي هڪ ئي وڏي ڪوتا جنهن کي پارسيءَ ۾ "مخمس" چئبو آهي، ڇپيل آهي. اهو هرهڪ هندستاني جي ٿالي ارپڻ ڪيل آهي. جدا جدا طبقن وارن ماڻهن جو آزاديءَ بابت ڪهڙو ويچار آهي، شاعر انهن تي روشني وجهندي هندن مسلمانن کي ايڪتا ڪرڻ ۽ شاگردن، مزدورن هارين ۽ استرين کي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻ لاءِ للڪاريو آهي شاعر جو رخ سوشلسٽ آهي، آزاديءَ جي وشيه تي لوڙي سوشلسٽ رخ واري اهڙي وڏي ڪوتا

سنڌيءَ ۾ بي ڪا نہ لکي ويئي آهي. جيتوڻيڪ جي ڪلام جي هڪ خاص خصوصيت آهي طنز ۽ نازڪ مذاق، جن ڪان هن "آزادي قوم" ۾ تير ۽ نشتر جو ڪم ورتو آهي. البت ٻولي ڪٿي ڪٿي دقيق آهي.

"آزادي قوم مان ڪجهه شعر هيٺ پيش ڪريان ٿو جن مان حيدر بخش جي آزاديءَ لاءِ تڙپ جي تصوير نظر اچي ٿي. جي:

١- جيئرو آهي اهو جو ٻين لاءِ جيئي،
جيئرو آهي اهو سر جو ٻين لاءِ ڏئي
شاهه آهي اهو جو شهادت جو پيالو ٿو پيئي
خون شهادت جي سبب پاڪ ٿو زخم کان ٿئي
پاڪ، پاڪائي سندو ساز آ آزادي قوم.

٢- ٿو ڪرون ڪاني ۽ شب روز نہ بي مان ٿي مرو
موت نيٺ ايندو سيان ڇو نہ اڄ انسان ٿي مرو،
گهر کي بستر کي ڇڏي دس تي قربان ٿي مرو،
خاڪي پتلو جمي، خورشيد درخشان ٿي مرو.

٣- جيڪڏهن همت آ نہ آ زنده ڪير
جا هي چاليهه ڪروڙ جو آ مڙدن جو ڍير
هاءِ! اڄ ڪوني مسيحا ٿي هت گهمائي ٻير
جو جيئاري مٿل، ڪدي سپ ويڙ ۽ مير
جنهن جي ٻيڙن جو نشان ناز آ آزادي قوم.

۽ آزادي آئي، ۾ مٿلن کي جيئرو ڪرڻ بدران

جيئن کي مٿل بڻائي ڇڏيائين. ورهاڱي اهڙا گهور ڪيا جو پاڻ پاڻ جي خون جو پياسي بڻجي پيو. حيدر بخش ۽ سندس هٿـــاري ڪم ڪندڙن اهڙي ڪٺن سمي هندن جي پوري حفاظت ڪئي. هن لاءِ پلاڻا وقت اسان سان هنجون هاري موڪليو.

پاڪستان ٺهڻ بعد به جتوئيءَ جي سڄي زندگي جدوجهد واري رهي. هن هارين کي نه رڳو سندن حقن لاءِ سجاڳ ڪيو، پر سنڌي جنتا سان ٿيندڙ ستم خلاف پڻ جاڳايو. پــوءِ اهو ظلم ڪراچي کي سنڌ کان ڪسڻ وارو هجي يا ون يونٽ بڻائي سنڌ جي هستي مٽائڻ وارو هجي يا پنجابين ۽ مهاجرن طرفــان سنڌي ٻولي تهذيب تمدن ۽ تاريخ کي ختم ڪرڻ وارو هجي يا ڊڪٽيٽر شاهي طرفان لوڪشاهيءَ کي دٻائڻ وارو ستم ڇو نه هجي.

هارين جي حقن لاءِ حيدر بخش جتوئيءَ جــي اڳوانيءَ ۾ اپريل ١٩٥٠ ۾ ڪراچي ۾ سنڌ اسيمبليءَ کي سڄيءَ سنڌ مان آيل هزارين هارين طرفان ڪلاڪن جو ڪلاڪن تائين ڪيل الهاسڪ گهيراءُ سدائين ياد رهندو پوليس ۽ فوج جي آڏو موجود هوندي به گهيراءُ توڙي ڪوبه وزير يا ميمبر اسيمبليءَ کان ٻاهر اکري نه سگهيو. نيٺ حيدر بخش ۽ ٻين هاري عهديدارن کي اسيمبليءَ ۾ گهرائي سائن ڳالهيون ڪيون ويون ۽ سندن گهر گهرولي ”سنڌ ٽيننسي ايڪٽ“ پاس ڪيو ويو.

اهڙو ئي تاريخي مظاهرو حيدرآباد ۾ ٢٢ نومبر ١٩٦٧ تي سڄي سنڌ مان آيل هارين طرفان ون يونٽ ٽوڙڻ ۽ جيئي سنڌ جي حمايت ۾ ڪيو ويو. هزارن هارين سنڌي لباس پائي ”جيئي سنڌ“ ۽ ”هاري حقدار“ جي ٻنج لڳائي هئي. هن شاهي ميڙ ۾ حيدر بخش جتوئي جي صدارت هيٺ ون يونٽ ٽوڙڻ ۽ سنڌ جي زرعي، اقتصادي، تعليمي، تهذيبي ۽ تمدني حقن جو پڌرنامو بحال ڪيو ويو.

پاڪستان جي ٽاناشاهي حاڪمن کان اهي عوامي حقن جون ڳالهيون ڪٿي ٿي هضم ٿي سگهيون. انڪري جتوئي لاء بندش ۽ بنديخاني جو سلسلو شروع ٿي ويو. هو جتن ئي لوڪشاهيء لاء، انصاف لاء، هارين لاء زمين، پلن جي ڪيتر سرشتي لاء ون يونٽ ٽوڙڻ لاء، سنڌي ٻوليء لاء پمفليٽ لکندو وٺي، تيئن انهن تي بندش پوندي وئي ۽ اڪثر وقتن تي ڪيس جيل ۾ وڌو ويو. مارشل لا جي ڏهن سالن واري ڊڪٽيٽري حڪومت ۾ ٧، ٨ سال ته هو جيل يا نظربندي ۾ رهيو. هڪ دفعو ١٩٦٠ ۾ هڪ پمفليٽ لکڻ ڪري مارشل لا ڪورٽ کيس ٽي سال ٽيپ ڏني. ان وقت کيس عمر ڪي ڪروڙ برابر هو. ليڪن تنهن پرپو پاٽي ٽي پريو. پر انڪري هر مڙيو موليو ڪونه. ١٩٦٩ ۾ گرفتاريء وقت مارشل لا ڪورٽ ۾ ”جيئي سنڌ“ جا نعرا هڻندو گهڙيو.

فوجي جي جي مدع لوڙي سخت سزا ڏيارڻ جي ڌمڪيءَ
کان به نه ڊنو. ڇيانيمس ته نون ڇا به ڪر، پر مان جنهن
سند نعري لاءِ همت نه ڪڍندس.

پڇاڙيءَ جي گرفتاريءَ وقت جتوئيءَ ۱۹۶۹ ۾،
جڏهن شيخ مجيب الرحمان کي سائين جي. ايم. سيد
ڪراچيءَ ۾ دعوت ڏني هئي، تڏهن ملٽري ڪورٽ
جي وارنٽ کان پاڻ لڪائي هو اتي اچي پهتو. ان وقت
سنڌ متحده محاذ جي به ميٽنگ هئي جنهن ۾ هن
راجنيتي نظربندين ۽ قيدين جي آزاديءَ جي طلب
جو ٺهراءُ پيش ڪرايو. ٻاهر پوليس هنجي گرفتاريءَ
لاءِ اچي پهتي. هن کي ان جي پرواه نه رهي، هو ڪلندو
ٿي رهيو، پر بين کي ڏاڍو ڏک پئي ٿيو. جڏهن شيخ
مجيب جي دعوت جو پروگرام پورو ٿيو تڏهن جتوئيءَ
شيخ ۽ ٻين سان ڪلي ڪيڪاري موڪلايو، شيخ مجيب
جي دل ڀرجي آئي. ٻين حاضرين جون به اکيون آنسن
سان ترٽي ويئون. هڪ حاضرين زال ته الئين به چيو،
ڪاش! مان پنهنجي پٽن کي هتي وٺي اچي هي بهادر
انسان ڏيکاريان ها، جيڪو ڪيئن نه هڙئي گندي وايو
منڊل جو مقابلو ڪري ٽڙس ماٺهو ٿي ٿو رهي. پير علي
محمد راشندي لکي ٿو ته ان وقت شيخ مجيب رحمان
کيس چيو، ”ڇا توهين اسان مان اها اميد رکو ٿا ته هن
ملڪ جي رعيت ٽڪي رهون، جتي هڙئون ڪالهون روا
رکجن ٿيون.“

شيخ مجيب، تاج الدين، نذرالسلام ۽ ٻيا جتوئيءَ کي ٻاهر دروازي تائين ڇڏڻ آيا جتي پوليس ڪٽري هئي. هي جانباز جوڌو جيئي سنڌ جا نعرا هڻندو پوليس جي جيپ ۾ وڃي چڙهيو. اتان سڌو ڪيس هڪ ڪليل ٽرڪ ۾ نوابشاهه وٺي ويا. جتي جيل ۾ ٿي سندس واٽ مان روح وڃي نڪتو. بيماريءَ ڪري هن کي ڪجهه وقت پوءِ آزاد ڪيو ويو. ليڪن هو ان مان وري نه اٿيو ۽ ٢٠ مئي ١٩٧٠ تي سدائين لاءِ آبدي ننڊ ۾ سمهي پيو.

حقيقت ۾ حاڪمن هن سوڙهي، سهوت کي جيل جون تڪليفون ڏئي سندس جان وٺڻ ٿي چاهي. ان سلسلي ۾ سائين جي. ايم. سيد پنهنجي ڪتاب ”پاڪستان جو ماضي، حال ۽ مستقبل“ ۾ لکي ٿو ته ’مغربي پاڪستان جي گورنر جنرل موسيٰ پاڻ پبلڪ ميڙ ۾ چيو هو ته هن عملدارن کي حڪم ڪيو ته جتوئيءَ کي خراب جيل ۾ رکو ۽ ساڻس جيل ۾ اهڙي روش اختيار ڪريو جيئن مري وڃي.‘

ليڪن هنن حيوانن کي ڪهڙي خبر ته حيدر بخش جتوئي ته پاڻ سدائين لاءِ امر ٿي ويو آهي. اڄ ڪيس ”بابا ئي سنڌ“ (سنڌ جو ابو) جي خطاب سان ياد ڪيو وڃي ٿو جنهن ڳوٺ بکوديرو ۾ سندس جنم ٿيو ان جي ريلوي اسٽيشن کي سرڪاري طور حيدر بخش جتوئي اسٽيشن جو نالو ڏنو ويو آهي.

جاني جتوئي نه رڳو انقلابي ڪارڻ ڪري امر

هو پنهنجي باغي ڪلام ڪري ۽ سدائين ياد رهندو. ورهاڱي کانپوءِ هن جو ڪلام تازگي ۽ توانائي، سادگي ۽ سونهن، فن ۽ فڪر کان وڌيڪ نکري پيو آهي. هن جا ٻه عاليشان غزل آهن جي ڪنهن زماني ۾ نئين دنيا ۾ ڇپيا هئا، انهن ۾ هن طنزيه نوع ۾ ڊڪٽيٽري راڄ لاءِ نهايت نزاڪت سان گهري چوٽ هنئي آهي. هڪ غزل جو هن ١٩٦٩ ۾ ڇپايو هو، ان ۾ چوي ٿو ته قيد ۽ ڪڙيون، زندان ۽ زنجيرون آزاد انسان کي ماري نه سگهنديون:

جتي ڪٿي بہ آ، آزاد آهه مرد آزاد
ڪڙين ۾ قابو سهي، قيد ۾ اسير سهي.
اڌي وڃا خاڪ ٿي زنجير زور ۽ زندان،
ڪٿي سگهي ٿو ڀلا تاب حق شريڪ سهي.
هزار حيلا ڪيائون مگر مري نه سگهيا،
جي دل دماغ جا آزاد هئا فقير سهي.

ان غزل جي هيٺين شعرن ۾ ڊڪٽيٽري راڄ لاءِ تنزلي ڪندي چوي ٿو ته انقلاب زنده باد ۽ پاڪستان شاد جا نعرا هڻندڙ حاڪم عوام کي دٻائي، سندن زبانون بند ڪرائي ۽ ووڏيڪ قتي ويٺا آهن.

اڄي وڃي نيمه هتي "انقلاب زنده باد" عوام ننڍو سهي ۽ سپاهي امير آهي. هي دور موج خوشا! شاد باد پاڪستان، زبانون بند سهي، زخم دل هضم سهي. آخر ۾ شاعر پنهنجي طرز جو نشانو خدا کي ٿو بنائي چوي ٿو:

سدا بهار رهين خالق آسمان اندر
زمين تي ظلم سهي، راڙ ڦار ڇير سهي.

ٻيو غزل جو ڪجهه سال پوءِ جو لکيل اٿس، ان ۾ چوي ٿو:

ستمگر جي شمعن کي مشعالن کي
شرر شر ۽ ظلمات چوندا رهياسين.
سڪندر کي سامهون ستمگر سڏيو سين
وڏي واڪ ڪمذات چوندا رهياسين.

ان ڪانپوءِ جتوئي جو گهڻو ڪلام جيئي سنڌ هلچل جي دور جو لکيل آهي، جيڪا ون يونٽ ٽوڙڻ لاءِ ١٩٦٧ ۾ جتوئيءَ تي ٻڌي. ان دور جا سنڌس مکيه شعر آهن: ”سنڌ پياري“، ”اي مٺي جيجل“، ”سلام سنڌ“ ”اي سنڌي وڏيرا...“ ”حيوان انسان“- ”پاڪستان زنده باد“ ۽ سڀني کان مکيه ۽ اهم شعر ”جيئي سنڌ، جيئي هند“.

هلچل ۽ هنگامي واري وايو منڊل ۾ لکيل هي شعر جوشيلا ۽ جذباتي آهن. جيڪي اتي ٻئي ڪنهن ڇاپڻ جي همت نه ڪئي ان ڪري حيدربخش کي پاڻ ڇپائڻا پيا. ڪي ته سدا ’نئين دنيا‘ ۾ پهرين ڇپيا ويا. پاڪستان سرڪار هنن شعرن لکڻ لاءِ جتوئيءَ کان ويهه هزار رپيا ضمانت گهري ۽ هڪ ٻه شعر ته ضبط به ڪيا.

مٿين سڀني شعرن کان بهترين جيئي سنڌ وارو گيت جنهن مان ئي جيئي سنڌ جو نعرو سنڌ بيت جي هلچل کي مليو ۽ خوب لوڪپريه ٿيو. ان ڪانپوءِ ’سلام عليڪم‘

جي ڏهاڙن 'جيئي سنڌ' سان ڪيڪارڻ جو رواج پيو. هي ۽ ڪوتا سچ پچ شاهڪار اڪٽي ۽ جنهن سڪون لي لاهي. اهو اڄ سموري سنڌ جو گويا قومي ترانو ٿيو لڳي. ان مان سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ تمدن جي به جهلڪ ملي ٿي. سندس هڪ هڪ بند ته دلڪش آهي ٿي پر جڏهن هينيئر بند پڙهجن ته تڏهن جتوئي اعليٰ جرئت ۽ عالمگير عظمت جون حدون ڇهندو نظر اچي ٿو:

١- "ياءَ آ پنهنجو هر انسان"
پنهنجو آهي هي ايمان!
پنهنجو آهي هي اسلام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!

٢- ڪيتو فتنو ٿئي برباد!
قرب محبت زنده باد!
پنهنجو آهي هي پيغام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!

٣- جيئي هند ۽ جيئي سنڌ!
جيئي جيءَ مٺو هر هنڌ!
پيار بهار ٿئي عام ۽ جام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!

حيدر بخش جتوئي ڪوتائن کانسواءِ ڪهاڻيون، ناٽڪ ۽ مضمون به لکيا، جن ۾ اڪثر هارين جي جدوجهد بابت آهن ۽ "هاري ڪهاڻيون"، "ڪمدار جا ڪارناما" ۽ "هاري انقلاب" مجموعن ۾ قلمبند ٿيل آهن.

هن ورهاڱي بعد پڪدم هاري حقدار نالي هفتيوار اخبار به شروع ڪئي جيڪا ٩-١٠ سال هلي ۽ پوءِ سرڪاري بندش ڪري بند ٿي وئي. ان جو هڪ خاص يادگار پرچو جو جون ١٩٥٥ ۾ نڪتو هو سو هو شهيد پرچو. ان ۾ سنت ڪنور، هيمون ڪالاڻي، هاسارام پملاڻي ۽ سيٺ هرچندراءِ جي شهادت بابت فوٽن سان ليک ڇپيل هئا. ورهاڱي بعد شايد اهو پهريون پيرو هو جو هندو شهيدن کي ياد ڪيو ويو هو ۽ ان ڪانپوءِ ته اها نئين روايت شروع ٿي جا هاڻي پڪي پختي ٿي وڃي آهي.

حيدربخش جتوئي اڳيئي 'شڪوه' ۽ 'درياه شاه' جهڙي اهڙي بي باڪاڻي ۽ صاف گوئيءَ جي روايت ڪان مشهور هو. جون ته هڪ ڀيري ١٩٥٦ ۾ حيدرآباد ۾ سنڌي ادب سنگت طرفان بيسنٽ هال ۾ شاه جي ورسيءَ لاءِ ميڙ سڏايل هو ان ۾ جتوئيءَ شاه لطيف تي ڳالهائيندي اِي ڏڙڪ ئي ڇڏي ڏنو. 'شاه صاحب تي شاعري ختم نه سمجهو بلڪ ان ڪانپوءِ به بلند پايي جا شاعر ٿيا آهن ۽ اهو هميشه به ناممڪن ناهي جو ڪو اهڙو ٻي وڏو شاعر پيدا ٿئي.' ان تي ڪن اعتراض ورتو پر حيدر مڙئي ڪوڙو ۽ تقرير بند ڪري ويهي رهيو.

بي باڪاڻي ۽ صاف گوئيءَ جي ڪوڙي بي حيدربخش جتوئي پهاڙيءَ جي ڏيهن ۾ "شڪوه" ۽ "جيئي سند جيئي هند" ڪوڙا ڪان وڏيڪ انقلابي رهنما اڪريليءَ

۾ لکي هئي. جنهن ۾ جوالامکي جهڙي طاقت ڇڻي وڃي ٿي. اها رچنا قرآن شريف ٿي رهي آهي جنهن جو ذڪر هن ٻار مون سان ١٩٦٤ ۾ سنڌ جي سفر وقت پنهنجي گهر گهراڻي ڪچهري ڪندي ڪيو هو. ڇپائين ته اهو گرنٿ هتي پاڪستان ۾ ته نه ڇپبو، پر انگلنڊ ڇپائڻو پوندو. ان لکيل ڪتاب جي تصديق جي-ايم-سيد به پنهنجي ڪتاب 'جنب گذاريم جن سين' ۾ ڪيو آهي ۽ چيو آهي ته جتوئي ان کي پورو ڪرڻ ۾ چار سال لڳايا ۽ ضرور بي مثل هوندو. هو وڏيڪ لکي ٿو ته 'پاڪستان جهڙي مذهبي جنون واري ملڪ ۾ جتي تنگدلي ۽ ڪٽرپڻو حد درجي تي پهتل آهي، اتي اهڙي تصنيف ڇپجڻ يا پڙهڻ برداشت ٿي سگهي ٿي يا نه؟

اهڙا بي مثل ڪتاب رڳو حيدر بخش جتوئي ۽ جهڙو انقلابي لکي ٿي سگهيو، جيڪو سنڌي قوم جو ڳاٽ سدائين لاءِ اوچو ڪري ويو.

With Best Compliments From :

Phone : 26 21 27

FRIENDS

Enterprises

Exporters & Dealers of :

* CURIOS * INDIAN HANDICRAFTS

* GEMS * GARMENTS

We Send Gift Parcels Overseas.

33, Rex Chambers, Opp. Red Gate, Indira Dock,
W. H. Marg, Ballard Estate, BOMBAY-400 038.

With Compliments

M/s. Satguru Construction Andheri

(Builders & Contractors)

Mohini Mansion, Ground Floor,
Behind Anand Cinema, THANE (E), Bombay 400 603.

With Best Compliments from

TEL : 475850

M/s Priya Estate Agents

(PROP. VINOD G. MEHTA)

Always contact agents of repute,
for your property dealings.

Add. Bhagnari Co-op. Housing Society Ltd.,
B-46, 3rd Floor, Duncan Causeway Road,
Chunabhati (Sion East) Bombay-4000 022.

K. G. Mody

Phone: 33 82 39
Resi : 62 48 34

BARIA TUBE & HARDWARE MART

SELF LOCKING NELOC NUTS

Allen Cap & Grub Screw, Bolt, Nut Washer,
Pipe Fitting, Mill-Gin. Electrical Goods
Merchants & General Suppliers

110, Narayan Dhuru Street, BOMBAY-400 003.

With Best
Compliments From.

PALS HOTEL

ADD. COTTEN GREEN,

BOMBAY-400 033.

سنڌي سکو

سنڌي لکو

سنڌي ڳالهايو

سنڌي پڙهو

هڪ سنڌيت پريمي

* اڄ ئي خريد ڪريو *

بش بئرن ڊيلڪس



ڊسٽريبيوٽرس :

ماڊرن ٽريڊنگ ڪمپني

آپيرا هائوس، بمبئي-۴۰۰۰۰۴.

With Best Compliments From :

ASSOCIATED APPAREL (PVT) LTD.

SEWRI, BOMBAY–400 015.

Liberty REGD.

SHIRTS — VESTS — BRIEFS

SPORT SHIRTS

AVAILABLE AT ALL LEADING STORES

سنڌ ۾ نئين سجاڳي

هتي سنڌڙيءَ مان عابده پروين جي هڪ ڪئسيٽ آئي آهي. اُن ۾ هن جو ڳايل سنت ڪنور رام جو مشهور ڪلام ”ڪيئن رجهايان لوڪي، ڪيئن پرچايان“ پڻ آهي. آخر ۾ ڀڳت ڪنور وانگر ئي ”هري رام“ لفظن سان پورو پاتو اٿس. اسانجي هن سنڌ ڌرتيءَ جي ڌياڻيءَ، جنهنجي ڳائڻ ۾ ڪلاسيڪل ۽ لوڪ سنگيت جو مڌر ميلاپ آهي، سا اڄ نه رڳو سنڌين جي اَول ڳائڻي آهي پر سنڌ هند جي ڪنهن به ٻوليءَ جي ڳائڻيءَ سان برميچندڙ آهي.

عابده، سنت ڪنور رام جو ڪلام اهڙيءَ سِڪ ۽ سوز مان ڳاتو آهي جو ائين ٿو لڳي ڄڻ سنڌ هند جا وڇڙيل ويل ۽ رُٺل سنڌي ڀائر هڪ ٻئي کي پرچائڻ لاءِ پڪاري رهيا آهن. ان سان گڏ سنت خود ۽ سنڌ جو اُهو سمو اکين اڳيان ڦرڻ لڳي ٿو. اسانجي هن لوڪ-ڳائڪ، جيڪو سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ، اُصل ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڄاتل سڃاتل هو، انهنکي مذهبي پاڳلن شهيد ڪيو هو. هنن سمجهيئن، ڪنور ڀڳت جو آواز گهٽڻ ٿي چاهيو ليڪن اڄ اهو آواز هند ۽ سنڌ ۾ پوري آب تاب سان گونجي رهيو آهي. اڄ سنڌ ۾ نه صرف عابده پروين ڪنور جو ڪلام ڳائي ٿي، پر سنڌالاجي وارن به—

ڪنور جي ڪلام جي ڪشش ڪيڏي آهي جو ڏيکاري ٿو ته سنڌ ديس ۾ اڄ انهن سڀاڳين جي لهر زور وٺي رهي آهي، جيڪا پنهنجي گڏيل هندو مسلم ڪلچر ۽ قومي ورثي کي صحيح سڃاڻڻ ۽ سنڀالڻ جي پوري ساڃاهه رکي ٿي. خاص ڪري سنڌ جو نئون نسل پاڻ کي فرقيپرستيءَ جي مذهبي مرض ۽ تعصبي تنگدليءَ ۾ جڪڙڻ نٿو گهري. هو نئين زماني سان نئين روشني ۾ اڳتي وڌڻ چاهي ٿو. اُنهي اَبتڙ اُتان جو فوجي حاڪم ٻن قومن واري نظريي مطابق هندن مسلمانن ۾ دائمي ويڇو قائم رکڻ چاهي ٿو ته سوين سال پٺتي موٽي، هر چيز کي جهولي اسلامي رنگ ۾ رڱڻ ٿو گهري.

ڪمال ته اهو آهي ته خود پاڪستان جي جنم ڏاتا قائد- اعظم جناح پنهنجيءَ پهرينءَ تقرير ۾ چيو هو ۽ واعدو ڪيو هو ته هاڻ هندو ۽ مسلمان جو ڪو به فرق نه رهندو. اڄ فوجي حاڪم کي جناح صاحب جو اهو سڀڪجهه ياد آهي پر هنجي اها تقرير ياد ناهي. ضياءالحق، جناح صاحب جو جنتا سان ڪيل انجام کي پاڙڻ کان انڪاري ٿو واري، مگر ستن سالن کان عام چونڊون ڪرائڻ جو پنهنجو قول به اڃا نه پاڙيو اٿس.

سڀاويڪ ماڻهن ۾ ناراضپو آهي، جنهن اُن تازي هلچل مان به پڌرو ٿيو.

سنڌ جي عوام ۾ حاڪمن طرفان گهڻي ۾ گهڻي بي انصافي سٺي آهي. هنن جي دلين ۾ محروميءَ جو احساس پيدا ٿيو آهي. جنهن سبب ئي هن هلچل ۾ سنڌي عوام جوش خروش سان حصو ورتو. اصل دور دور ڳوٺن ۾ هارين ۾ جوانن جوانڙين، شاگردن ۽ وڏوانن هارين ۽ زميندارن به فوجي راڄ ختم ڪرڻ، لوڪشاهي واپس قائم ڪرڻ ۽ عام چونڊون ڪرائڻ لاءِ زوردار آواز اُٿاريو ۽ پاڻ کي گرفتار ڪرايو. هيءَ نموني جي هيءَ پهرين هلچل هئي، جيڪا آزادي کان اڳ انگريزن جي ڌاريءَ سرڪار خلاف، ڪانگريس جي هلچل کان متاثر ٿي لڳي. فوجي سرڪار اُن کي ڪچلڻ لاءِ وڏي پيماني تي فوج جو زور لڳايو ۽ فوج کي وڏي پيماني تي استعمال ڪيو. ايتري قدر جو هلچل ٺنڊي ٿي وڃڻ بعد به فوج هارين ۾ رهي پيئي هئي، جنهن کي واپس گهرائڻ لاءِ زوردار گهر به ڪئي وئي هئي.

اُن سلسلي ۾ حيدرآباد جي مشهور روزاني اخبار "عبرت" هڪ رپورٽ ڇپي ته هن هلچل ۾ شهيدن جي مائٽن، قيدين ۽ ٻين تڪليفون سٺل ماڻهن سان همدردي ڪرڻ لاءِ ليکڪن، دانشورن ۽ ڪارڪنن جي هڪ ٽوليءَ پنجاهه کن ڳوٺن ۽ شهرن جو دورو ڪيو.

اُنهي اڳواڻي سنڌ يونيورسٽيءَ جي اڳوڻي وائيس چانسيلر سيد غلام مصطفيٰ شاهه ۽ برک اديب ۽ عالم، محمد ابراهيم جويي ڪئي. هنن پنهنجي بيان ۾ چيو ته سنڌين سان زيادتيون ٿيون آهن ۽ طلب ڪيائون ته ٻهراڙين مان لشڪر کي هٽايو وڃي.

سنڌين سان هن فوجي حڪومت ۾ جيڪا ڏاڍائي ۽ بي انصافي ٿي آهي، اُن جي قبوليت خود ان سرڪار جي طرفداري ڪندڙ مخزن ”اُردو ڊائجيسٽ“ جي ايڊيٽر الطاف قريشيءَ به ڏني آهي، جنهن سنڌ جو دورو ڪري اکين ڏٺو احوال پنهنجيءَ مخزن ۾ لکيو آهي. هو هڪ هنڌ لکي ٿو: ان ۾ شڪ ناهي ته مارشل لا جي زماني ۾ سنڌي عوام، پوليس ۽ مالدارن جي زيادتين ۽ ظلم ستم جو نشانو بڻيو آهي. فوجي آفيسرن به ان ۾ اضافو ڪيو آهي.

هو وڌيڪ لکي ٿو: ”سنڌين کي ائين محسوس ڪرايو ويو آهي ته سنڌ جي تهذيب، تمدن ۽ ٻوليءَ کي ختم ڪيو وڃي ٿو، سنڌين پڳ لاٿي وڃي آهي. ان ڪري هلچل ۾ اندروني سنڌ جي هر شخص ڀيرو ورتو آهي.“

اها حقيقت به آهي ته سنڌين جي ٻوليءَ، تهذيب ۽ تمدن کي اُن ۽ ٻڌن جي ٻولي ۽ ڪلچر ڪوليو ويو آهي. هنن ٿي اي ڏاري ٻولي ۽ ڪلچر مڙهڻ جي

ڪوشش ڪئي ويئي آهي ۽ سندن تاريخ ۽ تاريخي ڳالهين سان به هٿ چراند ڪئي ويئي آهي، جنهن سرڪار پرست اردو هفتيوار ”اخبار جهان“ ڪي ذليل ملاقاتن ۾ سنڌ جي پنجن چوٽيءَ جي ودوانن (جن ۾ ڪي ليکڪ، وڪيل، ڊاڪٽر به آهن) علي احمد بروهي، نور الدين سرڪي، علي نواز وفائي، پي. ڪي. شهاڻي ۽ سليمان شيخ چيو آهي. ان ڳالهه لاءِ ٻڪراءِ آهن ته سنڌ سان سندس ٻوليءَ. ڪلچر، تاريخ ۽ روايت جي سلسلي ۾ به اڪيائيءَ وارو ورتاءُ ڪيو ويو آهي. نه رڳو ايترو پر سنڌ جا آرٿڪ (اقتصادي) ۽ راجنيتڪ حق به هڙپ ڪيا ويا آهن. ان ڪري ئي اڄ ”سنڌي (لوڪشاهي هلچل لاءِ رستن لاءِ نڪري نروار ٿيا آهن.“

علي نواز وفائيءَ ائين به چيو آهي ته ”سنڌو ديش جي تحريڪ جيڪڏهن آهي ته پوءِ اهو سوچڻ کپي ته ان جو سبب ڪهڙو آهي؟“

اهڙي نمولي جو اظهار ان سرڪار پرست ”اخبار جهان“ جي ايڊيٽر پنهنجي ٻئي هڪ پرچي جي سمپادڪي وچار ۾ هينءَ ڪيو آهي: ”٨١ سالن جي بزرگ جي. ايم. سيد ...... پاڪستان کي ٽوڙڻ جي پنهنجي چاهنا ڳجهي نه رکي آهي .... هنجي خيالات ۾ غلطي ٿي سگهي ٿي، مگر ان کي ٻڪلم

رد ڪرڻ سياڻپ ڪانهي. هنجي سوچ لاءِ ٻهرو ٿو
رکي سگهجي. هن جي خيالات کي دليل جي ڪسوٽيءَ
تي ڪسڻ گهرجي."

اهڙي ئي لهجي ۾ سنڌي روزاني اخبار "هلال
پاڪستان" جي ايڊيٽر پنهنجي سمپادڪي ويچار ۾
لکيو آهي، "طاقت ۽ ڏاڍ کي ترڪ ڪري، سنڌ جي
عوام جي لتاڙ هيٺ آيل ٿي چڪو وجهڻ لاءِ مصالحتي
اُپاءَ ورتا وڃن."

خود چوٽيءَ جي سنڌي ساهتڪارن به هن
لوڪشاهيءَ لاءِ هلايل هلچل جي حمايت ڪئي آهي،
جڻن مشهور ليکڪ غلام مصطفيٰ شاهه (سنڌ
يونيورسٽيءَ جو اڳيون وائيس چانسيلر ۽ سنڌ ڪوارٽرلي
جو ايڊيٽر) شاعر تنوير عباسي، شمشير الحيدري، فتاح
ملڪ، نجم عباسي، نور الدين سرڪي، فقير محمد
لاشاري، ڪرم الاهي چنا، چاليهو مير احمد، ڪي.
ايم. پنوهر وغيره طرفان "ويو پائنٽ" (انگريزي
هفتيوار) کي ڏنل هڪ بيان ۾ به چيو آهي ته هو
سنڌ جي تازيءَ هلچل جي حمايت ڪن ٿا ۽ مارشل لا
هٽائي آزاد چونڊون ڪرائڻ، سياسي پارٽين تان
بندش لاهڻ ۽ گرفتار ڪيلن کي آزاد ڪرڻ جي گهر
ڪن ٿا: هيءَ هلچل سنڌي عوام جي هلچل آهي. ان
کي ڏارين ملڪن جي اُساهت نال جوڙڻ، عوامي

طاقت ڏانهن اڪيوت ڪرڻ آهي. هڪ سؤ کان مٿي شهيدن پنهنجون جانيون قربان ڪيون آهن، سوين ليڪن ۽ گولين سان زخمي ٿيا آهن ۽ هزارين جيلن ۾ ويا آهن.

هن وڌيڪ اهو به چيو آهي ته "ڪانفيڊريشن واري لوڪشاهي سرشتي سان ئي پاڪستان جي چئن صوبن جو قومي مسئلو حل ٿي سگهندو. خود غرضيءَ واري اسلامڪ فارمولا ڪم نه ڏيندي."

مٿي ڏنل حوالن مان ظاهر آهي ته هيءَ لوڪشاهيءَ جي هلچل مارشل لا ختم ڪرائڻ، عام چونڊون ڪرائڻ ۽ ١٩٧٣ واري جوڙجڪ کي قائم ڪرڻ ۽ ملڪ ۾ لوڪشاهيءَ کي واپس آڻڻ لاءِ هڪ عوامي تحريڪ هئي، جنهن ۾ سوين جانيون قربان ٿيون ۽ هزارين ماڻهو جيلن ۾ ويا، جن مان ٥٠٠ کن زالون هيون.

اهو به ظاهر آهي ته فوجي سرڪار هن هلچل کي نگهوسار ڪرڻ لاءِ ملٽري کان تمام وڏي پيماني تي ڪم ورتو آهي. سنڌي عوام به مقابلي لاءِ ملٽريءَ کي روڪڻ لاءِ ميلن جي ميل رستن تي وڏا شاهي وڻ ڪيرائي ناڪابندي ڪئي ۽ ريلوي جي ٣٠٠ ڪلوميٽر پٽن ۽ ٣٠-٤٠ اسٽيشنن کي اهڙو ته نقصان رسايو جو هلچل ختم ٿيڻ کانپوءِ به ٽي مهنا ٽرينن جي آمدرفت بند هئي، جيئن سرڪار پرست اردو هفتيوار اخبار

"جهان" ۾ ريلوي ڪالي جي ڇپيل رپورٽ ڇپائي آئي.

اها اخبار لکي ٿي: "سنڌ جي هلچل ۾ زوردار ڀاڱو وٺندڙ، سنڌي ٻوليءَ جي قوميت سان واسطو رکندڙ آهن، جن جي اڪثريت ڳوٺن ۾ رهي ٿي. پر ائين چوڻ نه آهي **وڏيرن** جي اشارن تي هلندڙ آهن ۽ سنڌي عوام کي ڪي شڪايتون يا طلبون نه آهن، سو سراسر افسوس ناڪ، غلط ۽ گمراهه ڪندڙ آهي. سنڌي عوام کي ٻوليوار ۽ تهذيبي شڪايتن سان گڏ، روزگار جون ۽ راڄنيتي شڪايتون به آهن. سنڌين اقتصادي ۽ سياسي مسئلن کي به ٻوليوار رنگ ۾ رڱي ڇڏيو آهي.... ائين به نه سمجهڻ کپي ته جن هن تحريڪ ۾ حصو نه ورتو، سي ڪي حڪومت جا طرفدار هئا يا آهن... هيءَ سچ پچ **عوامي تحريڪ هئي**.."

اخبار وڌيڪ لکي ٿي: "سنڌين ۾ اهو احساس وڌندڙ آهي ته سنڌ جي محرومين جو ڪو ڀلو پيٽي ڪرڻ بدران، انتظامي طاقت سان منهن ڏنو ٿو وڃي.... اها دکدائڪ حقيقت آهي ته ١٩٧٣ واري جوڙجڪ ۾ مقرر ٿيل پرانتڪ خودمختياري جي لڳاتار انحرافي ڪري اسان وسيع صوبائي خودمختياريءَ کان وڌي ڪانفيڊريشن لائين جي لحن کي ڦهلجڻ جو وجهه ميسر ڪيو آهي.. اڄ سڀ کان پهرين فيڊرل پاڪستان جي سيني صوبن کي اهڙيءَ طرح راضي رکڻو پوندو....

جڏهن ڪنهن به صوبي کي پنهنجن حدن کان ٻاهر پنهنجي هستيءَ لاءِ ڪابه ڪشش محسوس نه ٿئي. ۽ اُنجي ذميواري اسانجي اڄ جي قومي نصيب جي نگهبانن تي آهي.“

خود هن سرڪار پرست اخبار جي مٿينءَ رپورٽ مان ظاهر آهي ته ڪيئن نه سرڪار سنڌي عوام جي جائز حقن حقوقن، شڪايتن ۽ طلبن جو جوڳو تدارڪ ڪرڻ بدران، الٽي پنهنجي فوجي طاقت سان دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انڪري پاڻ سنڌين پنهنجن اقتصادي (آرٿڪ) ۽ سياسي مسئلن کي ٻـ ٻوليوار (يعني سنڌي قوميت ۽ ڪلچر جو) رنگ ڏنو آهي.

سنڌ جي عوام هن لوڪشاهيءَ جي هلچل کي اصل پنهنجي پـ الٽڪ خودمختياريءَ جي هلچل سمجهي آهي، جڏهن مٿي سرڪار پرست ”اخبار - جهان“ جي حوالي مان به پڌرو آهي. جنهن خود سرڪار کي ڏوهه ڏنو آهي ته ۱۹۷۳ جي جوڙجڪ جي ٻيڪڙي ڪري اصل ڪانفيڊريشن جي نعري جي ڦهلاءَ کي هٿي ڏني آهي. هن سرڪار کي ٻهرين صوبن کي راضي رکڻ جي ڪم ڪرڻ جي صلاح ڏني آهي.

”اخبار - جهان“ وانگر ٻي سرڪار پرست روزاني اُردو ”جنگ“ به ساڳئي وقت لکيو ته هاڻي سنڌ جي عوام مان محروميءَ جو احساس مٽائڻ جو تدارڪ ٻڻ

ڪيو ٿو وڃي ته نه وري هيءَ سنڌ جيڪا طوفان اچڻ کان اڳ واري حالت ۾ آهي، سا ڪڏهن به وقت اوچتو پڙڪي سگهي ٿي. پوءِ جي. ايم. سيد کي هٿ ملندي نه لوڪشاهي واپسيءَ جو نعرو مدي خارج آهي.

ان ساڳيءَ اخبار اُٽي پرچي ۾ اهـــا به خبر ڇپي آهي ته سنڌ ۾ تازي هلچل وقت "سنڌو ديش" جي نعرن جي حوصلي افزائي ڪئي ويئي آهي ۽ لوڪشاهي بحاليءَ جي هلچل وارن جا لکيل نعرا نه رڳو يڪدم ڊاٺا وڃن ٿا، پر "پاڪستان بچايو" جا نعرا هڻندڙن کي گرفتار ڪري تشدد (هنسا) جو نشانو بڻايو ٿو وڃي. ساڳئي وقت سنڌو ديش جي حامين کي کلم کلا سرگرمين جي اجازت آهي ۽ کين گرفتار نٿو ڪيو وڃي.

جماعت اسلاميءَ وارن جي روزاني اخبار "جسارت" سنڌ جي سپتري ڊاڪٽر حميده کهڙو خلاف زهر اوڳاريو آهي. ٥- فيبروري واري پرچي ۾ هڪ خبر ڏيندي لکيو آهي ته "نيو سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن ڊاڪٽر حميده جي اُن تقرير کي زوردار ننديو آهي جا هن جي. ايم. سيد جي ٨١ جنم ڏڻ جي موقعي تي ڪئي، جنهن ۾ هن چيو آهي ته سنڌي مڪمل آزادي چاهين ٿا ۽ نوجوانن کي اُردو پڙهڻ جي ضرورت ڪانهي. ان جماعت طلب ڪئي ته ان وطن - دشمن ۽ شرارتي تقريـــر لاءِ ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ڊاڪٽر

حميده کي هڪدم يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن ۾ هن عهدن تان برطرف ڪيو وڃي."

هي ڪو پهريون دفعو ڪونهي جو جماعت اسلامي وارن جي جماعت ٽوڙي اخبارن، مخزن سنڌيت جي سائين خلاف زهر اوڳاڙيو آهي. ياد رهي ته ١٩٦٤ ۾ جڏهن ڀارت جو سنڌي ليکڪ جوڙو اُتم ۽ سندري سنڌ ويا هئا ته جماعت اسلامي وارن هنگامو مچايو هو ته هو ڀارت جا جاسوس ۽ پاڪستان جا غدار آهن ۽ جن جن سان گڏيا تن خلاف ان جماعت سرڪار کي رپورٽون ڪيون، جنهن هنن خلاف قدم کنيو. نه رڳو اهو پر جڏهن ١٩٦١-١٩٦٢ ۾ سندري اُتمچنداڻيءَ جا ٻه ناول **"ڪرندڙ ديوارون" ۽ "پريت پراڻي ريت نرالي"** سنڌ ۾ هڪ ئي پبلشر ٻه ٻه دفعا ڇپيا هئا تڏهن به ان جماعت وارن ۽ سندن اُردو مخزن "زندگي" پاران گوڙ مچايو ويو هو، جيتوڻيڪ ڪنهن پارٽي سنڌي اديب جا اُهي پهريان ڪتاب ڇپيا هئا. اُن جي ڀيٽ ۾ پارٽي اُردو اديبن جا الاهي ڪتاب اُلي ڇپجي چڪا هئا.

البت هاڻي اُهــا اِهڙين حالت ناهي جــو گذريل سال ٽن مهنن ۾ **سندريءَ** جا ٽي ڪهاڻين جا مجموعا **پڌن**، پوري ۽ لو جنين جي ٽائيٽل هڪ ئي پبلشر ڪڍيا ڇپيا ته به ڪنهن شور غل نه مچايو، اُلٽو

ٿيو ته معلوم ٿيو ته حميده کهڙي جي خيال موجب سنڌ ۽
بلوچستان جو عوام مرڪز ۾ ڀائيواري (برابري) چاهيندو.
يعني ته مرڪزي اسيمبليءَ ۾ به سينيٽ وانگر سيني
صوبن کي هڪ جهڙو عيوضيپڻو ملندو ته نوڪرين ۽
فوج ۾ به، جيئو ٽيڪ فوج بابت سمجهو ته ٿي سگهي
ٿو .... ۽ مان صوبي جو بنياد، بولين بنيادن تي رکان
ٿي ۽ انکي فيڊرل سرڪار جو هڪ خودمختيار يونٽ
سمجهان ٿي.“

اخبار اڳتي لکي ٿي ته ”هڪ نوجوان طرفان پڇيل
سوال (ته توهانکي پاڪستان کي ٽوڙڻ مان، ڪجهه
ملندو يا نه) جي جواب ۾ چيو ته اسين ان کي
ٽوڙڻ نٿا چاهيون. ليڪن سنڌ ۾ اهڙيون حالتون آهن
جو ڪنهنکي اُنجو نالو ٻڌڻو آئڙي. البت اُتي هاڻي علحدگي
جو ذڪر سخت مايوسيءَ سبب ٿئي ٿو ۽ اهو ڪو
باقاعدي رٿيل منصوبو ناهي. انکري ماڻهن کي سياسي
انتظام ۾ شريڪ ڪيو وڃي ۽ محرومين جو احساس
دور ڪري آئيندي جي خطرن جو بندوبست ڪيو
وڃي.

”ڊاڪٽر حميده کهڙو کان پڇيو ويو ته هم سرڪاري
ملازم هوندي به راڄنيتي جلسا ڇو ٿا ڪوٺايو ته
ورائيائين: ملڪي مسئلن تي سوچڻ منهنجو حق آهي.
ضرورت تي ته نوڪري ڇڏي ڏيهون ائين وقت

ايندئين، جيڪي پڙهندي ماڻهو سمجهن ٿا...."
اخبار- جهان آخر ۾ لکيو آهي ته "خبر ناهي
حميده ڪهڙو ڪيترن سنڌين جي نمائندگي ڪري ٿي....
پر اهو احساس تيز ٿيندو ٿو وڃي ته چونڊيل سياسي
حڪومت تمام ضروري آهي ته ته رشتا ناتا جي اسان
کي هڪ ٻئي سان ملائين ٿا، سي هڪ هڪ ٿي ٽٽي
رهيا آهن. اهڙي ٿي ڪاهي وڌندي وڃي ٿي ۽
دوري هڪ هڪ مدت بعد وڌندي وڃي ٿي... خدا
ڪري جلد اها دوري ختم ڪري سگهون، رشتا ڳنڍي
سگهون ۽ ڪو اهڙو انتظام ڪاميابيءَ سان هلائي سگهون."

جيتوڻيڪ منهنجي رپورٽ معلوم ناهي ته ڪيتري
قدر صحيح آهي ته به اڄ اَدي حميده، سنڌ - هند
جي هڪ سورهيه ۽ صاف گو سپتري آهي جنهن
علم، ادب، سياست ۽ سنڌيت جي ڏس ۾ پاڻ خوب
موکيو آهي. هوءَ سنڌ ۾ نئين سجاڳيءَ جو هڪ
سونهون آهي ۽ نئين سنڌي نسل جي نمائندگي ڪري ٿي.

هن نئين سجاڳيءَ جي سڌ، خود ان "اخبار-جهان" ۾
هلايل بحث ۾ ڇپيل، عام سنڌين جي ويچارن مان به
پوي ٿي، جنهن جي اَدي حميده بخوبيءَ ترجماني ڪري
ٿي. نوابشاهه جي هڪ نياڻيءَ تبسم ان اخبار ۾ ڊاڪٽر
حفيظ الرحمان جي سنڌين خلاف لکيل خط کي منهن
ٽوڙ جواب ڏيندي چيو آهي، "صوبا پهريان موجود هئا

۽ پاڪستان پوءِ ٿيو، صوبن جي تاريخ پاڪستان کان گهڻو گهڻو آڳاٽي آهي. ان لحاظ کان سنڌين جي ٻولي به آڳاٽي آهي. اگر اهي صوبا نه هجن ها ته پاڪستان جو ٿيڻ به ممڪن نه هو. اسين جي پنهنجي ٻولي، ڪلچر يا شاندار ماضيءَ تي فخر ٿا ڪريون ته ان ۾ ڪهڙي اَربع خطا آهي... اسين صوبائي، جمهوري (لوڪشاهي) حق چاهيون ٿا، خود مختيار صوبائي حيثيت چاهيون ٿا. غلامي پسند نٿا ڪريون.... برابري ۽ انصاف طلبيون ٿا.“

تبسم جي خط بعد اخبار وقت سوين اهڙا خط آيا، جن مان هڪ سؤ کن ڇپيا به. ڪي ٿورا خلاف به هئا. جيڻن بيگم راشــد (نوابشاهه) لکيو، ”اندروني سنڌ ۾.... توهانکي سنڌو ديش جا نعرا لکيل نظر ايندا. اُتي قومي (پاڪ) جهنڊي کي ساڙيندا آهن ته ڪير پاڪستان جي باني‌ءَ جو نالو به ٻڌڻ نه چاهيندو آهي. هيءَ علحدگي پسندي نــاهي؟.... مهاجرن کــي گهر، مائٽ، مال ڇڏڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ توهانکي ته گهر ويٺي پاڪستان مليو.“

غلام قاسم (خيرپور) جواب ڏنس تــه مهاجر...... پنجاب ڇو نه ويا؟ اُتي اسٽيشن تي ليگي، ڪمن روڪڻ ۽ مٿا پٽڻ لاءِ ڏنڊا کڻيو بيٺا هئا. پهچڻ لاءِ پاڻي تــه ملين، اسانکي پاڪستان مان نه معاشي، نه سياسي، ۽

ڪاهرل ۽ نه ٻوليءَ جي آزادي ملي.

منظور مشوري (لاڙڪاڻو) لکيو: "سنڌي......
موهن جي دڙي جا وارث آهن، ڪين ٥٠٠٠ سال قديم
تهذيب تي فخر آهي. اُها سنڌين کي عظيم بڻائي ٿي
۽ عظيم بڻجڻ لاءِ مسلمان هجڻ ضروري ناهي.

ايس. اين. شيخ (شهداد ڪوٽ) نه سنڌين جي
راجنيتي، آرٽ، تهذيبي، تمدني، تعليمي وغيره حقن
جون ٦٠ گهرون ڏنيون، جن ۾ مرڪزي اسيمبلي،
ڪئبينيٽ، فوج، نوڪرين ۾ برابري، سنڌيءَ کي
سرڪاري ۽ قومي ٻولي ڪرڻ وغيره به آهي. جڻ
اُهو سنڌ جي خود مختياريءَ جو چارٽر آهي. اُهو پڙهڻ
سان بزرگ اديب ۽ عالم محمد ابراهيم جويي جي
اُنوقت "سنڌ ڪوارٽرلي" (انگريزي) ۾ ڇپيل خط جي
اهميت پيٽي ٿي وڃي ٿي. هن اهو خط ٢٥- جون
١٩٤٧ تي سنڌ اسيمبلي ميمبرن کي سنڌ جي آئيندي
جي جوڙجڪ ناهڻ لاءِ لکيو هو. هن گهر ڪئي ته
اسين سنڌي خود مختيار ۽ آزاد دولت آهيون. اسان
کي پنهنجن آرٽ وسيلن تي پورو حق آهي. اسان
کي پنهنجيءَ مرضيءَ موجب قانوني ۽ ڪاروباري ڪم
هلائڻ گهرجي ۽ بک، بيروزگاري، بي علمي ۽ ڏڪ کان
ڇوٽڪارو ملڻ کپي.

جيڪڏهن ان خط کي ڪن نه ٻڌو، ڪياڙيءَ ٻڌو

7672 | (10) Essay

نه ڪيو وڃي ها ته اڄ سنڌين کي هي ڏينهن ڏسڻا نه پون ها، جڏهن ان "ڪوارٽرلي" جي ساڳئي پرچي ۾ سنڌ جي هڪ اعليٰ عالم سيد **غلام مصطفيٰ شاهه** جي ليک پڙهڻ سان به معلوم ٿئي ٿو. هن جماعت اسلاميءَ جي اڳوان ميان طفيل کي تازيءَ هلچل بابت سنڌي اڳوانن ۽ عوام تي بيجا بهتانن کي جواب ڏنو آهي ته "... سنڌ جي هلچل پاڙيسري وطن - دوستن جي ناهي... ميان ۽ سندس جهڙن کي، سنڌي اڳوانن ۽ عوام طرفان گذريل ۳۰ سالن ۾ سٺل بي عزتين، بي رحمين ۽ ڏکن سورن کي مٺهن ڏيڻ لاءِ همت، ياءَ نه پوي.... ميان طفيل ۽ سندس پارٽيءَ کي اوڀر پاڪستان وانگر سنڌ ۾ به خونريزي، زوريءَ زناءَ ۽ ڦرلٽ ڪرائڻ لاءِ والنٽيئر هٿ ڪرڻ ۾ سوڀ نه ملي.... پر سنڌ ۽ هند بابت بيوقوفي جي ڪا حد ٿيڻ کپي."

هن وڌيڪ لکيو آهي ته "... سنڌ پنهنجن حقن ۽ انصاف لاءِ لڙي ۽ ڦٽڪي ۽ دانهون ٿي ڪري. ان ۱۹۴۸ کان ۱۹۸۳ تائين پاڪستان ۾ سرڪارن جو ڀوڳ ڏٺو آهي. هاڻ سنڌ ۽ ٻيا ننڍا صوبا مارچ ۱۹۴۰ واري ٺهراءَ تي سچائيءَ سان عمل چاهين ٿا. جنهن ۾ پاڪستان کي آزاد ۽ خود مختيار رياستن جي فيڊريشن ڪوٺيو ويو هو... انهن چار ئي صوبا فيڊرل سرڪار ۽ ان جي سڀني ادارن ۽ سنسٿائن ۾ سچي ۽ مڪمل برابري (پئرٽي) چاهيون ٿا."

شاهه صاحب جو هي بيان نه صرف اجوڪي سچائيءَ سنڌ جو سچ آهي، پر سنڌواسين جي دردلي دانهن آهي.



والنتي
بابت

مٿين فوٽو ۾ اسم ۽ سنڌري (١٩٦٣) ۾ ايڪ شخصيتن- جي-
سمه، ح- راشدي، م- ا- جوکيو، اکم هدا، گرامي، طالب المو
رهالي، سراج، ٻلي، شمشير الحيدري، عبدالواحد سنڌي وغيره.

7672
L. ESSay.
70